
JICA LIGHT-F

Japan International Cooperation Agency

غير رسمي تدريس جو طريقو

# سنڌي

## استادن جو رهبر



فهرست

غير رسمي تدريس جو طريقو

# سنڌي

## استادن جو رهبر

LIGHT-F
Japan International Cooperation Agency

فهرست

هي تلريسي مواد لٽريسي سينٽر ، عورتن جي تعليمي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت سنڌ جي منظور ٿيل نصاب ’تعليمِ بالغان 2020‘ تحت ترتيب ڏنو ويو آهي، جيڪو تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ ۽ ريسرچ پاران ليٽر نمبر NO/ELD/CA/CW/490/2020 تاريخ 20 سيپٽمبر 2023 تحت منظور ٿيل آهي.


ليکڪ: عطيه تبسم پٺو

جائزو ڪندڙ: تحسين ڪوثر انصاري

جائزه ڪميٽي: عبدالحميد ڪوسو ، دلشاد احمد ڏيٿو ، شاهنواز چانڊيو

ٽيڪنيڪل ماهر: عابد حسين گِل، محمد يونس

ٽيڪنيڪل معاون ادارا : وومين ڊويلپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف لٽريسي اينڊ نان فارمل ايجوڪيشن
جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي (Light-F Project)
سانجهه پريت آرگنائيزيشن

لي آئوٽ ڊزائين: زاهد علي ابڙو، محمد اڪمل شهزاد

ايڊيشن: پهريون

شايع ٿيڻ جي تاريخ: سيپٽمبر 2023ع

فهرست

# پيش لفظ

اسان جي ملڪ ۾ خواندگيءَ جي صورتحال زبون حاليءَ جو شڪار آهي. انهيءَ جو سڀ کان وڏو سبب اسان جي ملڪ جي شرح خواندگيءَ جيڪا صرف 60% آهي. جنهن سبب پاڪستان ۾ معاشي، تعليمي، سماجي ۽ ثقافتي مسئلا تمام گهڻا آهن. تنهنڪري ناخواندگيءَ پنهنجا اثر ملڪ جي هر گهر ۽ سماج تي مرتب ڪري رکيا آهن ۽ سماج ۾ جهالت جي اونداهه جو راڄ آهي.

ملڪ جي موجوده صورتحال جي پيش نظر ان ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته اهي بالغ فرد 'خاص طور تي عورتون' جيڪي ناخواندگيءَ جي سبب ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو حصو نه ٿيون ونڊائي سگهن. انهن لاءِ بنيادي خواندگيءَ سان گڏوگڏ پيشه ورانه مهارتون سيکارڻ جو هڪ مڪمل منصوبو جوڙيو ويجي ته جيئن هو پڙهڻ لکڻ سان گڏوگڏ پيشه ورانه ۽ عملي زندگيءَ جي مهارتن ۾ بهتري آڻي ذاتي ۽ قومي زندگي ۾ احسن طريقي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ۽ ڪارائتا شهري بڻجي سگهن.

انهيءَ سلسلي ۾ وومين ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ ۽ جاپان انٽرنيشنل ڪو آپريشن ايجنسي گڏجي سنڌ جي عورتن کي هنرمند بڻائڻ لاءِ هڪ پروجيڪٽ لائيٽ ايف (Light-F) شروع ڪيو آهي. پروجيڪٽ جي ابتدائي مرحلي ۾ انتظاميا کي ان ڳالهه جو احساس ٿيو ته عورتن کي بهترين هنرمند بڻائڻ لاءِ خواندگيءَ جي بنيادي مهارتن مثلاً پڙهڻ، لکڻ ۽ بنيادي حساب ڪتاب ۽ روزمره جي ڳالهه ٻولهه بابت مناسب آگاهي تمام ضروري آهي. تنهنڪري ان ضرورت جي پيش نظر سنڌي زبان ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ بنيادي حساب جو مواد تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن عورتون نه صرف پڙهن، لکن بلڪه بهتر هنر سکي قومي ترقيءَ ۾ پنهنجو حصو به شامل ڪن.

انجم اقبال جمالي
سيڪريٽري
وومين ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

# فهرست


| نمبر | سبق | صفحو |
|---|---|---|
| 1 | همت واري عورت | 12 |
| 2 | بچت بازار | 19 |
| 3 | ناڻو ۽ ڪرنسي | 26 |
| 4 | گهڙيال ڏسو | 34 |
| 5 | ڪئلينڊر جي ڄاڻ | 41 |
| 6 | سال ۽ مهينا | 46 |
| 7 | ڦاپان جي ڍڳي | 53 |
| 8 | گراهڪ ۽ خريداري | 59 |
| 9 | هڪيپئي تي پروسو | 65 |
| 10 | سلائي مشين | 71 |
| 11 | اختلاف ۽ جهيڙو | 77 |
| 12 | صفائي نصف ايمان آهي | 82 |
| 13 | ڪاڏو هٿ ڏوئي ڪائبو آهي | 88 |
| 14 | گهر جو خرچ ڪيئن هلايان؟ | 92 |
| 15 | بجيٽ ۽ ضرورت تي غور ڪيو وڃي | 96 |
| 16 | حادثن ۽ طوفانن ۾ انتظام ۽ اسان جي ذميواري | 101 |
| 17 | بچيل آواز | 109 |
| 18 | فارم جو استعمال | 113 |

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن جي حاضريءَ کان پوءِ استاد ڪلاس جو جائزو وٺي ته شاگردن جي ويهارڻ ۽ سکڻ لاءِ ماحول سازگار آهي. سبق پڙهائڻ کان اڳ سمورو تدريسي مواد (استادن جو رهبر، فليش ڪارڊ، بورڊ مارڪر) کي ترتيب ڏئي ۽ پاڻ پڙهائڻ لاءِ تيار هجي. پڙهائڻ شروع ڪرڻ کان پهرين شاگردن کان حال احوال پڇڻ ضروري آهي ته جيئن ڪلاس ۾ دوستي وارو ماحول پيدا ٿئي، جيڪو سکڻ جي عمل کي وڌيڪ مضبوط ڪندو.

- استاد، شاگردن کي پڙهائڻ دوران هيٺ ڏنل اهم مرحلن کي ذهن ۾ رکي. جن جو تفصيل استادن جو رهبر ۾ ڏنل آهي. تدريسي عمل کي بهتر انداز ۾ مڪمل ڪرڻ لاءِ انهن مرحلن تي عمل ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

1. پهريون مرحلو (تصويري ڳالهه ٻولهه ڪرڻ)

هر سبق جي شروعات ڪتاب ۾ ڏنل تصوير سان ڪئي ويندي ته جيئن شاگردن جي اڳوڻي معلومات جو اندازو لڳائي سگهجي. اڳوڻي معلومات مان مراد شاگردن کي ان موضوع بابت پڙهائڻ کان پهرين، ذهني طور آماده ڪرڻ سان گڏوگڏ سندن ان موضوع بابت ڄاڻ کي پرکڻ آهي، سبق جي ڳالهه ٻولهه اُستادن جو رهبر ۾ لکيل سوالن سان ڪئي ويجي.

2. ٻيو مرحلو: (تجرباتي سرگرمي/ رول پلي/ ڪهاڻي ٻڌائڻ)

هن مرحلي ۾ شاگردن کي عنوان مطابق سرگرميون ڪرايون وينديون جيڪي عنوان کي بهتر انداز سان سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون. استاد لاءِ هن مرحلي ۾ ڏنل سرگرمين جي تياري اهم آهي ته جيئن بهتر نتيجا حاصل ٿين.

رول پلي هر ڀيري نئين ڀار کان ڪرايو ته جيئن هر هڪ شاگرد ان عمل ۾ شامل ٿي پاڻ ۾ اعتماد پيدا ڪري سگهي.

هر سبق ۾ ڏنل ڪهاڻي، راند يا جيڪا به مشق ڏنل آهي، عملي طرح اها ڪرائڻ ضروري آهي ته جيئن سبق جا مقصد ۽ فائدا حاصل ٿي سگهن. ڪهاڻيءَ جو انداز ڪهاڻيءَ جهڙو هجي يا شاگرد کان وري رول پلي ڪرايو وڃي ته جيئن ان کي دلچسپ انداز ۾ پيش ڪرائي سگهجي.

3. ٽيون مرحلو: (پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق)

شاگردن لاءِ اهو مرحلو سڀ کان اهم آهي، جيڪو لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. هن عمل ۾ سيکاريل لفظ جي آوازن جي سڃاڻپ، انهن جي بناوٽ ۽ درست ادائيگي شامل آهي. هن عمل ۾ ڪجهه سرگرمين جي ترتيب ياد رکڻ ضروري آهي.

- سيني شاگردن کان سيکاريل لفظ جي آوازن جو وري وري اُچار پڙهڻ.
- آوازن جي شڪلين جي مڪمل سڃاڻپ ۽ اُچار سان ادائيگي ڪرڻ.

4. چوٿون مرحلو: (پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق)

آوازن جي سڃاڻپ ڪاٻپوءِ سڀ کان اهم ڪم اکرن ۽ لفظن کي لکڻ آهي. انهن کي لکڻ وقت استاد ڏنل طريقيڪار جو خاص خيال رکي.

- هڪ وقت ۾ بورڊ تي هڪ ئي لفظ لکي.
- لفظ ۾ سڀ کان پهريون آواز ڪهڙو آهي؟
- سڀ کان پهرين آيل آواز جي اکر کي لکڻ سيکاري.
- آواز جي اکر کي لکڻ وقت درست هدايتون ڏئي جيئن 'ڪ' کي لکڻ وقت مٿينءَ ليڪ کان 'هڪ ليڪ، مٿان کان هيٺ لڳايو' وغيره.
- شاگردن کي لکڻ لاءِ بورڊ تي گهرائڻ ۽ آواز پڙهڻ سان گڏ لکيل اکر جي شڪل ۽ نالي بابت ٻڌائڻ ضروري آهي.
- لکيل اکر کي درست نموني لکڻ لاءِ شاگردن جي رهنمائي ڪريو.
- شاگردن کي بورڊ تي لکڻ جو موقعو ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو.
- اکر کي خوشخط ۽ درست طريقي سان لکڻ ضروري آهي ان ڪري شاگردن کي ليڪ تي لکرايو.
- اکر کي لکڻ وقت فليش ڪارڊن جو استعمال ڪريو ته جيئن شاگردن کي لکڻ ۾ آساني ٿئي.

- اکر لکڻ وقت اکرن جي مختلف شڪلين جي ڄاڻ ڏيو.
- ڪمزور شاگرد جو هٿ جهلي لکڻ ۾ سندن مدد ڪريو.
- آخر ۾ استاد شاگردن کي ٻڌائي ته هر اکر جو پنهنجو نالو، شڪل ۽ آواز هوندو آهي. جيئن 'ب' جو آواز /ب/ ان جو نالو 'بي' ۽ شڪل 'ب' آهي.

5. پنجون مرحلو: (نوان لفظ ۽ جملا ٺاهڻ)

آوازن جي سڃاڻپ کان پوءِ، شاگردن کي راند روند ۾ سيکاريل لفظن موجب وڌيڪ نوان لفظ ۽ جملا ٺهرايو. فليش ڪارڊن جي مدد سان نوان لفظ ٺاهڻ ۾ ٻارن جي دلچسپي وڌندي. معنيٰ وارا لفظ ۽ آوازن جي درست ادائيگي ۾ ٻارن جي رهنمائي ڪريو. شاگردن کي اکرن جي شروع، وچين ۽ آخر واري مڪمل شڪل جي مشق ڪرايو. نوان لفظ ٺاهڻ کان پوءِ درست آوازن جي ادائيگي ۽ لکڻ جي مشق ڪرايو ته جيئن شاگرد اکرن جي مختلف شڪلين ۽ آوازن کي ياد رکي سگهن.

6. ڇهون مرحلو: (جائزو)

سيکاريل سبق جو جائزو ورتو وڃي. شاگردن کان سبق بابت پڇو ته جيئن سکڻ جي عمل کي وڌيڪ بهتر ۽ پختو ڪري سگهجي.

| |
|---|
| ياد رکو: استاد کي گهرجي ته پڙهائڻ مهل مٿي بيان ڪيل سمورن مرحلن تي عمل ڪري، سکڻ جي عمل کي اثرائتو بڻائي. استاد جو شاگردن سان نرم رويو، انهن جي سکيا جي عمل کي پائيدار بڻائي ٿو. ان ڪري شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ نهايت ضروري آهي. |

# ڪتاب جو تعارف

**مقصد:**

- هڪٻئي کان واقف ٿي سگهن.
- بنيادي تعليمي پروگرام جي مقصدن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.
- ڪتاب بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.
- سنڌي الف ب جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.
- آوازن بابت آگاهه ٿي سگهن.
- مختلف اکرن تي اعراب (زير، زبر، پيش) لڳائي آوازن جو فرق معلوم ڪري سگهن.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

ڪتاب، بورڊ، سنڌي الف - ب جو چارٽ

**سرگرميون:**

**ڳالهه ٻولهه:**

- شاگردن کي سلام ڪريو ۽ پنهنجو تعارف ڪرايو. انهن کي ڀليڪار چئو.
- شاگردن کان واري واري سان انهن جا نالا پڇو.
- هاڻي شاگردن کي چئو ته پنهنجو ساٿي چونڊي، اهڙو ساٿي چونڊي جنهن کي پهرين نه سڃاڻيندا هجو. اهي هڪٻئي کان هيٺ ڏنل معلومات حاصل ڪن ۽ پوءِ ڪلاس جي سامهون پنهنجي ساٿيءَ جو تعارف ڪرائن مثال طور:
- توهان جو نالو ڇا آهي؟
- توهان ڪٿي رهو ٿا؟

- توهان جي گهر ۾ ڪُل ڪيترا ڀاتي آهن؟
- توهان ڪهڙي هنر جي ڄاڻ رکو ٿيون؟

اهڙي طرح سڀ شاگرد هڪٻئي بابت بهتر نموني معلومات حاصل ڪري سگهندا.

## بنيادي تعليمي پروگرام جو تعارف:

شاگردن لاءِ ٽن مهينن جو بنيادي تعليمي پروگرام تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اردو/ سنڌي ۽ رياضي جا مضمون شامل آهن. انهن مضمونن ذريعي شاگردن کي پڙهڻ، لکڻ ۽ بنيادي حساب سڪاريو ويندو. انهن جو مواد روزانو زندگي جي معلومات تي ٻڌل آهي ته جيئن شاگرد آساني سان انهن مان سکي سگهن. هي هڪ دلچسپ ۽ آسان سرگرمين ذريعي سکيا جو عمل آهي. ان ذريعي نه صرف هو پنهنجي روزانو زندگي کي بهتر نموني سمجهي گذاري سگهندا پر لکڻ ۽ پڙهڻ جي قابل به ٿي ويندا. هي پروگرام خاص ڪري انهن جي تعليمي گهرجن کي ڏسندي ترتيب ڏنو ويو آهي ته جيئن توهان پنهنجي هنر جو فائدو وٺي سگهو.

## ڪتاب جو تعارف:

شاگردن کي چئو ته هو سنڌيءَ جو ڪتاب کولي غور سان ڏسن ۽ هڪٻئي سان ان بابت ڳالهه ٻولهه ڪن ۽ هيٺيان سوال به پڇن.

- ڪتاب جو ٽائيٽل وارو صفحو ڪيئن آهي؟
- ڪتاب ۾ ڪهڙن عنوانن بابت تصويرون ڏنل آهن؟
- ڇا ڏنل ڪتاب پڙهڻ ۾ سولو آهي؟

شاگردن کي ٻڌايو ته هن ڪتاب ۾ جيڪي تصويرون نظر اچي رهيون آهن، انهن تصويرن جو مقصد، سکيا جي عمل کي آسان بڻائي، پڙهڻ ۽ لکڻ جون مهارتون سيکارڻ آهي. انهن تصويرن جي مدد سان اسان، مختلف سرگرميون ۽ راند روند ۾ لکڻ پڙهڻ جو عمل ڪري سگهنداسين.

## الف - ب جو تعارف

شاگردن کي سنڌي الف - ب جو چارٽ ڏيکاريو. شاگردن کي ٻڌايو تہ سنڌي الف - ب ۾ ڪُل 52 اکر آهن.

### الف - ب جو چارٽ

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ

ث پ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ

ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ

ر ڙ ز س ش ص ض ط

ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک

گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ

و ه ء ي

شاگردن کي پڙايو تہ سنڌي الف - ب ۾ ڪُل 52 اکر آهن. الف - ب ۾ اکرن جون گهڻيون شڪليون هڪٻئي سان ملندڙ جلندڙ آهن. انهي ڪري انهن کي هڪ اکر جو خاندان بہ چئبو آهي جيئن:

- ب ٻ ڀ ت ٽ ٿ ٺ ث پ
- ج ڄ ڃ چ ڇ ح خ ع غ
- ڊ ڏ ڌ د ڍ ذ ر ڙ ز
- س ش ص ض ط ظ ف ڦ
- ق ل ن ڻ ک گ ڳ ڱ
- جهہ - گهہ

سنڌي الف - ب ۾ جهہ، گهہ وسرڳ آواز آهن جيڪي ٻن اکرن کي ملائي هڪ آواز ڏيندا آهن.

2. حرف علت ۽ انهن جا آواز:

شاگردن کي پڙايو تہ حرف علت 3 آهن.

'ا' 'و' 'ي' اهي ڪو بہ لفظ ٺاهڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

- 'ا' ڪنهن بہ لفظ ۾ آواز طور اچي تہ بنا اعرابن (زبر ـَ، زير ـِ ۽ پيش ـُ کي اعرابون چئبو آهي) جي لکبو آهي. 'ا' وچ ۾، مڪمل شڪل ۾ يا آخر ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. مثال طور رات، بابا، پاوا، تارا.
- و(اُو آو او) حرف علت ۾ ان جي آواز 'او' ۽ ڪٽي ڪٽي 'وا' يعني پنهنجي آواز سان استعمال ڪيو ويندو آهي. جيئن (پوٽو لوٽو واعدو واري، ڦوٽو ڦيٽو)

- ’يـ‘ شروعات ۾ ي پنهنجي اصل آواز سان لکبي آهي.
- ي (اِي يا اَي) هي لفظ جي آخر ۾ مڪمل شڪل ۾ هوندي آهي ۽ وچ ۾ ’يـ‘ لکي ويندي آهي.

مثال طور: گڏي، سياري، ٽي، هٿي، آهي. مَين پيڪلر

شاگردن کي ٻڌايو ته حرف علت، حرف صحيح سان ملي، لفظ ٺاهڻ ۾ مدد ڏيندا آهن.

حرف علت سان 10 سُرن جو آواز ڏيندا آهن.

اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو اي، اَي او اَو

| سُرَ | ٻه اکري لفظ | ٽي اکري لفظ | چار اکري لفظ |
|---|---|---|---|
| اَ | پَنَ | بَصَرَ | زَمِين |
| آ | آر | آري | آباد |
| اِ | پِٽِ | تِتِرِ | ڪِتاب |
| اِي | جِي | جِيتَ | سيٽي |
| اُ | اُٺُ | سُڪلَ | سکيل |
| اُو | هُو | ٽُوٽَ | ٻُوٽو |
| اي | ٽي | ٻير | بيسڻ |
| اَي | اَي | مَيز | مَوج |
| او | سو | زور | گهوڙو |
| اَو | پَوء | حَوض | عورت |

سرگرمي:

راند:

- شاگردن کي ٻڌايو ته اڄ اسان لفظن جي راند کيڏنداسين ڇا توهان تيار آهيو؟
- شاگردن کي ٻڌايو ته مان بورڊ تي ڪجهه لفظ لکان، ٽي توهان پڙهي ٻڌايو ته اهي لفظ ڪهڙا آهن؟

- بورڊ تي لفظ 'هن' لکو ۽ پڇيو تہ هي ڇا لکيل آهي؟ ڪجهہ هِن ۽ ڪجهہ وري هُن ٻڌائيندا، توهان انهن کان پڇو تہ توهان کي ڪيئن خبر پئي تہ هِن آهي يا هُن.
- پوءِ ان تي 'ِ' جي نشاني لڳائي پڇو تہ هاڻي ڇا پڙهبو.
- ان کان پوءِ 'ُ' جي نشاني لڳائي پڙهايو.
- اهڙيءَ طرح بورڊ تي ٻيو لفظ 'اُٿ' لکو ۽ پوءِ ان تي زير (ِ) ۽ پوءِ پيش (ُ) جي نشاني لڳائي پڙهايو. هتي شاگردن کي حرف علت ۽ اعرابن جي دُرست استعمال بابت ٻڌايو ۽ ان جي اهميت ٻڌايو تہ لفظ بنا اعرابن جي ڪيئن معنيٰ مٽائي ٿو. استاد بورڊ تي هيٺ ڏنل لفظ لکي ۽ اعراب لڳائي دُرست تلفظ سان پڙهي ٻڌائي.

اُس، اَٿ، اُٿ، اَن، هٿَ، هٿُ

شاگردن کي چئو تہ هو زير، زبر ۽ پيش مان ڪهڙي نشاني لڳائي. درست ڪرڻ تي شاگردن جي حوصلا افزائي ڪريو.

شاگردن کي ٻڌايو تہ اڄ اسان دُڪاندار ۽ گراهڪ جو ڪردار ادا ڪري راند ڪيڏنداسين. هڪ شاگرد گراهڪ ٿئي ۽ ٻيو دڪاندار ٿئي پنهنجي سامان (شين) جي بابت ٻڌائي. ان لاءِ هيٺ ڏنل ڇئن ڳالهين جو خيال رکو:

- پنهنجو تعارف
- سامان (پروڊڪٽ) جو نالو
- سامان جون خاصيتون
- توهان جي پروڊڪٽ مارڪيٽ ۾ ٻين شين کان ڪيئن مختلف آهن؟

شاگردن کي سوچڻ جو وقت ڏيو. شاگردن کي ٻڌايو تہ توهان جو لهجو ۽ لفظن جي چونڊ اهڙي هجي جو ٻيا توهان کي ڌيان سان ٻڌن. هاڻي هر شاگرد کي واري واري سڏائي ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو انهن جي ڪوشش تي انهن جي حوصلا افزائي ڪريو ۽ ضرورت هجي تہ اصلاح پڻ ڪريو تہ جيئن اڳتي لاءِ بهتري اچي ۽ شاگرد اعتماد سان پيش ڪري سگهن.

جائزو:

- اکرن تي ڪھڙين نشانين لڳائڻ سان نئون آواز ٺھندو؟
- حرف علت ڪيترا آھن ؟
- توھان ڪھڙين اعرابن بابت سکيو آھي ؟
- سنڌي الف - ب ۾ ڪيترا ۽ ڪھڙا نج سنڌي آواز آھن ؟
- لفظ ڇا سان ٺھندا آھن ؟

مقصد:

~~ھي سبق پڙھڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ ھو:~~

ھر اکر جو آواز ھوندو آھي ۽ لفظ آوازن سان ملي ٺھندا آھن. بابت ڄاڻي سگھندا.

آواز جو تعارف:

شاگردن کي ٻڌايو تہ اسان جيڪو بہ لفظ ڳالھائيندا آھيون اصل ۾ اھو مختلف آوازن سان ملي ٺھندو آھي. ھر اکر جو آواز ھوندو آھي. اسان جي وات مان ھڪ خاص ترتيب سان آواز نڪري لفظ ٺھندا آھن. اسان جي وات مان نڪرندڙ لفظ پين تائين آواز وسيلي پھچندا آھن.

ان کان پوءِ استاد شاگردن کي مختلف شين جيئن ريل گاڏي، گھنٽي، طوطي، فون وغيره جي تصوير ڏيکاري پڇو.

تصوير ڏيکاري پڇي تہ:

- ھن جو نالو ڇا آھي؟
- ھن جو آواز ٻڌايو.
- ھن جي نالي جا آواز ٻڌايو.

ھاڻي شاگردن کان پڇو تہ:

- جڏھن اسان ڳالھائيندا آھيون تہ لفظ ٻين تائين ڪيئن پھچندا آھن؟ شاگرد جواب ڏيندا (آوازن جي ذريعي)

- هاڻي شاگرد کان سندس نالو پڇوءِ ٻڌايو تہ منهنجو بہ ڪو آواز آهي؟ ڇا مان آواز بنا توهان سان ڳالهہ ڪريان تہ توهان کي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي؟

**عملي سرگرمي:**

ڪجهہ شاگردن کي الڳ الڳ سڏي انهن جي ڪنن ۾ ڪو جملو چئو ۽ انهي کي هدايت ڏيو تہ بنا ڳالهائي اُهي پين ساٿين تائين پهچائين.

**مثال طور:**

هيءَ بس آهي. اهو جملو بنا ڳالهائي ٻڌايو.

شاگردن کي مشڪل ٿيندي. هتي واضح ڪريو تہ بنا آواز جي پنهنجي ڳالهہ پين تائين پهچائڻ ڏکي آهي.

**مشق:**

- شاگردن کي چئو تہ پنهنجو نالو ٻڌائين ۽ غور ڪن تہ ان ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن؟
- شاگرد پنهنجي ساٿيءَ جو نالو ٻڌائين ۽ ان ۾ موجود آواز ٻڌائين.
- شاگردن کان پڇو تہ توهان ٻنهي جي نالن ۾ ڪو آواز هڪجهڙو آهي؟
- استاد شاگردن کي جوڙن جي صورت ۾ ويهاري ۽ مشق ڪرائي تہ جڏهن اسان ڪو بہ لفظ چئون ٿا تہ اهو لفظ آواز جي صورت ۾ ڪهڙي ترتيب سان نڪري ٿو.

سبق پهريون

## همت واري عورت

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- سنڌي الف ب پڌي ان جا آواز سڃاڻي سگهندا.
- توجهه سان ٻڌي پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪري سگهندا.
- اکر ۽ آواز جي نقل ڪري سگهندا.
- اکرن ۽ آوازن جي جوڙ توڙ ڪري سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، 'همت واري عورت' سبق ۾ ڪم آيل آوازن جا فليش ڪارڊ.

1. ذهني آمادگي
i. تصوير ڏسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ

ڪتاب ۾ هر سبق جي شروعات تصوير سان ڪئي وئي آهي. استاد اها تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪري. ان سرگرميءَ ۾ استاد ٻارن جي اڳوڻي معلومات کان واقف ٿي سگهندو ۽ ان معلومات جي بنياد تي نه رڳو نئون سبق شروع ڪندو پر شاگردن کي پڙهڻ لاءِ آماده پڻ ڪندو.

معلوم کان نامعلوم جي اصول تحت هن سرگرميءَ لاءِ 2 کان 3 منٽ لڳندا.

سبق جي شروعات تصوير ڏيکاري ڪريو ته جيئن سبق جو بنيادي مقصد سمجهه ۾ اچي.
هن سبق ۾ 'همت واري عورت' لفظن کي پڙهڻ سکندا. انهن لفظن کي اکرن ۽ آوازن جي ترتيب مطابق سان نوان لفظ به سيکاريا ويندا. استاد عورت جي تعليم لاءِ بحث ڪندي. گڏو

گڏ عورت جي معاشري ۾ اهميت تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي. استاد ڳالهہ ٻولهہ ۾ سيني شاگردن کي شامل ڪري. استاد تصوير بابت هيٺين سوالن سان شروعات ڪري:

- هن تصوير ۾ توهان ڇا ڏسي رهيا آهيو؟
- عورتون گهر جي ڪم کان علاوه ٻيا ڪهڙا ڪم ڪري سگهن ٿيون؟
- ڇا تصوير ۾ ڏنل ڪم صرف مرد ڪري سگهن ٿا؟ ڇو؟
- ڪو بہ ڪم بهتر نموني ڪرڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ سڀ کان اهم آهي؟
- جواب لاءِ استاد شاگردن جي رهنمائي ڪري. ان کان پوءِ استاد ٻڌائي تہ اڄ اسان ’همت واري عورت‘ پڙهڻ ۽ لکڻ سکنداسين.

ii. ڪهاڻي ٻڌائڻ:

استاد شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي مناسب انداز ۾ لهجي ۾ ٻڌائي.

تہ هڪ عورت جي ڪهاڻي آهي جنهن کي ميڪ اپ ڪرڻ ۾ دلچسپي هئي ۽ ان کي پڙهڻ ۽ لکڻ جو بہ شوق هو تہ جيئن هوءَ هڪ خود مختيار عورت ٿئي. هوءَ ٻارهين ڪلاس ۾ هئي تہ سندس شادي ٿي وئي هئي، هن جو نالو شبانہ هو. اچو تہ تفصيل سان شبانہ جي ڪهاڻي ٻڌون ٿا:

شبانہ پنهنجي شوق کي ڏسندي هڪ بيوٽي پارلر ۾ بيوٽيشن جو ڪورس ڪيو. سندس مڙس اهو شوق کي پورو ڪرڻ ۾ هن جو قدم قدم تي ڀرپور نموني ساٿ ڏنو. هن جون مالي حالتون ٺيڪ نہ هيون جنهن ڪري ڪين ڏکيائي هئي. شبانہ ٿوري ٿوري بچت ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن ڪري سندن آمدنيءَ ۾ بہ بهتري اچڻ لڳي. شبانہ کي احساس ٿيو تہ آهستي آهستي هن جو پارلر بہ مشهور ٿي رهيو آهي ۽ ڪم ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. هن ٻين ڇوڪرين کي بہ بيوٽيشن جو ڪورس ڪرائڻ جو سوچيو. جيڪي ڇوڪريون اِهو هنر سکڻ چاهين پيون اهي فيس ڏئي هي ڪورس ٽن مهينن ۾ مڪمل ڪري سگهن پيون.

وقت گذرندي دير نہ لڳي نہ صرف شبانہ جو نالو مشهور ٿيو پر شهر جي مختلف علائقن ۾ پاڻ بيوٽي پارلر پڻ کوليائين. هاڻي هوءِ هڪ ڪامياب بزنس وومين آهي ۽ مالي طور تي بہ خود ڪفيل آهي.

هاڻي شاگردن کان هيٺيان سوال پڇو:

- شبانہ کي ڪهڙي شيءِ پڙهڻ ۾ ڪم ڪرڻ تي آماده ڪيو؟
- توهان کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪهڙي مشڪل آهي؟
- توهان انهن مشڪلاتن کي ڪيئن دور ڪري سگهو ٿا؟
- توهان مالي طور خود ڪفيل هجو تہ توهان کي ڪهڙا فائدا ٿيندا؟
- توهان جي ڪم ڪرڻ سان توهان جي خاندان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟
- هاڻي شاگردن کان پڇو تہ ڇا توهان کي اهڙين عورتن جي باري ۾ ڄاڻ آهي جن محنت ڪري ڪو مقام حاصل ڪيو هجي تہ انهن بابت ٻڌايو.

سرگرمي 2: ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق:

اچو تہ لفظ 'همت واري عورت' سکون!

- شاگردن کان پڇو تہ لفظ 'همت' ۾ ڪُل ڪيترا آواز آهن؟
ان کانپوءِ 'واري' ۽ پوءِ 'عورت' ۾ آواز پڇو؟
- هاڻي پڇو 'همت واري عورت' ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن؟
- شاگردن کان پڇو تہ همت ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟
- پوءِ ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟
- پوءِ ٽيون آواز پڇو؟

اهڙي طرح 'همت واري عورت' جا ڌار ڌار آواز پڇو. آخر ۾ استاد آواز ملائي همت واري عورت جي آوازن جو ورجاءُ ڪرائي.

سرگرمي 3:    پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق

استاد جڏهن لفظ ’همت واري عورت‘ جي آوازن جي مشق ڪرائي وٺي ته پوءِ ’همت واري عورت‘ لفظ لکڻ سيکاري.

شاگردن کان پڇو ته پهريون آواز ڪهڙو آهي؟

آواز پڇڻ کان پوءِ پهريون آواز ’هه‘ بورڊ تي لکي ڏيکاريو.

ه

شاگردن کي اڌ گول ڏاهي وري گولائي ۾ پيهر اڌ گول ملائي ’هه‘ ڏاهي ڏيکاريو ان کان پوءِ اڳيون آواز ’م‘ پڇي ۽ پوءِ بورڊ تي لکو.

ـمـ

سڌي ليڪ ڏاهي پوءِ گول ڏاهي ٿوري ليڪ ڪڍي، ان کان پوءِ آواز ’ت‘ پڇي بورڊ تي لکي.

ـت

سڌي ليڪ ڏاهي ان کان پوءِ ٿوري گولائي سان وري سڌي ليڪ ڪيو ۽ ٻڌايو ته ’ت‘ هيئن لکبو آهي.

هاڻي سڀني کي ملائي ’هـمـت‘ لفظ لکي ڏيکاريو.

ان کان پوءِ اڳيون لفظ ’واري‘ جا ڌار ڌار آواز پڇي لکي ڏيکاريو.

شاگردن کان پڇو ته ’واري‘ ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي ان کان پوءِ ’و‘ بورڊ تي لکي ڏيکاريو.

و

شاگردن کي ٻڌايو ته اڌ گول ڏاهي پوءِ ان کي اڌ ٽائين گولائي ۾ لاٽين سان ملايو.

’آ‘ جي آواز لاءِ اُپي ليڪ ڏاهي پڏايو.

## وا

ان ڪان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ ’ر‘ جي شڪل بورڊ تي ڏاهي ڏيکاريو.

## وار

ڏوري آڏي ليڪ ’\‘ ڪيئي پوءِ هيٺ ليڪ ڪيو. ان ڪان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ ’اِي‘ جو آواز بورڊ تي لکي ڏيکاريو.

## ي

ننڍي ليڪ ڪيئي اڌ گول هيٺان ڏاهي ’ي‘ ڏاهي ڏيکاريو. ان ڪان پوءِ ’واري‘ لکي ڏيکاريو.

هاڻي لفظ ’عورت‘ ۾ پهريون آواز پڇو ۽ ’عـ‘ لکي ڏيکاريو.

## عـ

شاگردن کي ٻڌايو ته ’عـ‘ جي شڪل لکڻ لاءِ ساڄي پاسي کان شروع ڪندي هڪ ننڍو اڌ گول ڏاهيو ۽ پوءِ سڌي ليڪ ڪيو گڏ توهان ’عـ‘ جون سڀ شڪليون لکي ڏيکاريو.

| شروع واري شڪل | وچ واري شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
| --- | --- | --- | --- |
| عـ | ـعـ | ـع | ع |

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ پوءِ آواز ’او‘ ٻڌايو ته هيٺ لکيو آهي.

## و

واري ۾ ’و‘ جو آواز شاگرد سکي آيا آهن انهن کي ٻڌايو ته ساڳيو ’و‘ لکي ان ۾ اڳيان ننڍي ليڪ ڪيو. ان کان پوءِ ٻڌايو ته ان جون ٻه شڪليون هونديون آهن

| | |
|---|---|
| ـو | و |
| آخري شڪل | مڪمل شڪل |

شاگردن کي ’عو‘ جوڙي لکي ڏيکاريو ۽ پوءِ اڳيون آواز پڇو. هاڻي ’ر‘ لکڻ لاءِ ٻڌايو ته ’واري‘ ۾ اسان ’ر‘ جو آواز لکڻ سکي آيا آهيون ڪنهن کي ياد آهي ته بورڊ تي ٺاهي ڏيکاري.

استاد مشق ڪرائي مٿان کان هڪ سڌي ليڪ ۽ پوءِ ٿوري ٽيڏي ليڪ ڪڍي.

ر

پوءِ ٻڌائي ته لکڻ جي لحاظ سان ان جو ٻه شڪليون آهن.

| | |
|---|---|
| ـر | ر |
| آخري شڪل | مڪمل شڪل |

هاڻي ’عور‘ کان پوءِ آخري آواز پڇو ۽ ’ت‘ لکڻ کان پهرين همت ۾ ’ت‘ جو آواز ياد ڪرائي ۽ ~~ڪنهن کي بورڊ تي اچي ٺاهڻ لاءِ چئي، جيڪڏهن ڪو شاگرد لکي ٿو ته ان جي پهرين ليڪ ڊاهي~~ ٻڌائي ته ’ت‘ جي شڪل اٿين ٿيندي آهي.

هتي استاد ٻڌائي ته ’ت‘ جون چار شڪليون ٿينديون آهن

| | | | |
|---|---|---|---|
| تـ | ـتـ | ـت | ت |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

آخر ۾ شاگردن کي پورو لفظ لکي پڙهائي ۽ ’همت واري عورت‘ جي مشق ڪرائي ۽ ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ تي سڪيل لفظ جي مشق ڪرڻ لاءِ چئي.

**سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ**

جڏهن شاگرد لفظ 'همت واري عورت' جون سڀ شڪلون سمجهي انهن جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انهن کي ٻڌايو ته هاڻ اسان لفظن جي جادو واري راند کيڏنداسين لفظ همت واري عورت ۾ استعمال ٿيندڙ اکرن جي سڀني شڪلن وارا فليش ڪارڊ سامهون رکو. شاگردن کي چئو ته انهن کي جوڙي نوان لفظ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪريو. شاگرد پاڻ ڪو لفظ ٺاهيندا ته انهن کي خوشي ٿيندي. ان سرگرمي ڪرڻ سان شاگرد نوان لفظ ٺاهڻ ۽ سکڻ ۾ دلچسپي وٺندا.

- نوان لفظ ٺاهڻ ۾ اکرن جي شروع واري يا وچ واري شڪل بدلجي ويندي. اسان کي خبر آهي نوان لفظ ٺاهڻ ۾ ڪجهه بي معنيٰ لفظ به ٺهندا شاگردن کي ٻڌايو ته بي معنيٰ لفظن جو ڪو مطلب ناهي هوندو.
- ان کانپوءِ شاگردن کي ڇهن گروپن ۾ ورهايو ۽ لفظ 'همت واري عورت' جا فليش ڪارڊ ڏيو ته جيئن هو نوان لفظ ٺاهين. 25 منٽن کانپوءِ هر گروپ کان پڇو ته ڪنهن ڪيترا لفظ ٺاهيا آهن، جنهن گروپ وڌيڪ لفظ ٺاهيا هجن انهن جي حوصلا افزائي لاءِ تاڙيون وڄرايو. پوءِ اهي نوان لفظ لکڻ جي مشق ڪرايو. اهڙي طرح شاگرد ترتيب مٽائڻ سان ٺهندڙ نوان لفظ آسانيءَ سان سکي ويندا. شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل نوان لفظ پڙهايو.

**نوان لفظ:** ور، وتر، تور، تر، رت، ها، مات، هار، وات، ڪار، تار، تارو، هو هتي، اهي.

**سرگرمي 5:**

- مڪمل لفظ 'همت واري عورت' لکڻ جي مشق ڪرايو. شاگردن کي سڏائي مشق بورڊ تي ڪرايو. ان کان پوءِ ڪتاب جي ورڪ شيٽ تي لکڻ جي مشق ڪرايو.

**سرگرمي 6: جائزو**

سبق جي آخر ۾ هيٺ ڏنل سوال پڇو.

- اڄ اسان سبق ۾ ڇا سکيو؟
- لفظ 'عورت' ۾ ڪيترا آواز آهن؟
- لفظ 'همت واري عورت' ۾ ڪيترا آواز آهن؟
- لفظ 'همت واري عورت' بورڊ تي لکي ڏيکاريو؟
- عورت ڪهڙا ڪم ڪري سگهي ٿي؟

سبق ٻيو

# بچت بازار

## مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- لفظ 'بچت بازار' کي ڏنل آوازن ذريعي پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- سنڌي الف ب ۾ڏنل آوازن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- الف ب جي باهمي ربط کي سمجهي لفظن جي جوڙ توڙ ڪري سمجهي سگهندا.
- اکرن ۽ لفظن کي نقل ڪري لکي سگهندا.

## سکيا لاءِ مددگار شيون:

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، لفظ 'بچت بازار' ۾ استعمال ٿيندڙ آوازن جا فليش ڪارڊ.

## ذهني آمادگي:

1. تصوير ڏسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:

شاگرد ڪتاب ۾ ڏنل تصوير غور سان ڏسن. پوءِ استاد هن سرگرميءَ ذريعي بازار تي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪري ته جيئن شاگرد سمجهي سگهن ته بازار معاشي ۽ سماجي سرگرمين جي جڳهه آهي. ڪاروبار ۽ ڏي وٺ جي صحيح معلومات سمجهي اسان پنهنجي سامان جي اهميت ۽ وڪري ۾ واڌارو آڻي سگهون ٿا.

هاڻي استاد سوال ڪري ته:

- هن تصوير ۾ ماڻهو ڇا ڪري رهيا آهن؟
- اسان ضرورت جي هر شيءِ ڪٿان وٺندا ڪندا آهيون؟
- ڪهڙن موقعن تي خاص خريداري ڪئي ويندي آهي؟

- ڇا اسان اهم موقعن جي خريداري جي رٿابندي ڪندا آهيون؟
- بچت بازار ڪٿي ۽ ڪڏهن لڳندي آهي؟

شاگردن کان پڇو تہ اڄ اسان ڇاجي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيون؟ ممڪن جواب (بازار). شاگردن کي ٻڌايو تہ شين جي خريداري ۽ وڪڻڻ هڪ مهارت آهي. پنهنجي زندگي کي بهتر بنائڻ لاءِ اسان کي پنهنجي ڪمن جي منصوبابندي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ضرورت مهل اسان تيار هجون ۽ پنهنجي ڪمن کي مناسب طريقي سان مڪمل ڪريون.

2. انٽرويو وٺڻ (تجارتي سرگرمي):

شاگردن جا جوڙا ٺاهيو ۽ انهن کي ٻڌايو تہ هڪٻئي جو انٽرويو وٺو ۽ هيٺيان سوال پڇو.

- بازار کان سواءِ اسان پنهنجو سامان ڪيئن وڪرو ڪري سگهون ٿا؟
- ڇا توهان پنهنجو سامان وڪرو ڪيو آهي؟
- ڇا توهان ان لاءِ اڳوات رٿابندي ڪئي هئي؟
- جيڪڏهن ها تہ پوءِ رٿابندي جو ڪهڙو فائدو ٿيو؟
- جيڪڏهن نہ تہ رٿابندي ڪرڻ سان توهان جو ڪم ڪيئن بهتر ٿي سگهي ٿو؟

شاگرد جڏهن انٽرويو ڪري وٺن تہ پوءِ باقي ساٿين کي اها معلومات ڏين.

سرگرمي 2: پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق:

اچو ته اچ اسان لفظ بچت بازار سکون:

- شاگردن کا پچو ته لفظ 'بچت' ۾ ڪيترا آواز آهن؟ پوءِ 'بازار' ۾ ڪيترا آواز آهن.
- ان کان پوءِ شاگردن کان پچو ته 'بچت بازار' ۾ ڪهڙا آواز آهن؟
- شاگردن کان واري واري پهرين آواز پچو ته جڏهن اسان 'بچت' چئون ٿا ته پهريون آواز ڪهڙو ٿو نڪري؟ /ب/
- وري ان کان پوءِ ڪهڙو آواز نڪري ٿو؟ /چ/
- هاڻي ان کان پوءِ ڪهڙو آواز اچي ٿو؟ /ت/

اهڙي طرح هاڻي لفظ 'بازار' لاءِ پچو

- لفظ 'بازار' چوڻ مهل اسان جي منهن مان پهرين آواز ڪهڙو نڪري ٿو؟ (ب)
- بازار ۾ ٻيو آواز ڪهڙو آهي /ا/
- هاڻي ٽيون آواز ڪهڙو اچي ٿو؟ /ز/
- ان کان پوءِ اڳيون آواز ڪهڙو نڪري ٿو /ا/
- بازار ۾ آخري آواز ڪهڙو اچي ٿو /ر/

شاگردن کي ٻڌايو ته بچت ۾ ٽي ۽ بازار ۾ پنج آواز آهن.

آخر ۾ استاد شاگردن کان لفظ 'بچت بازار' جي آوازن جو ورجاءُ ڪرائي.

### سرگرمي 3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق:

جڏهن شاگرد سمورن آوازن جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انهن کي ڪتاب ۾ لکيل ’ٻچت بازار‘ پڙهڻ جي مشق ڪرايو.

- شاگردن کي ٻڌايو ته اسان لفظ ’ٻچت بازار‘ جي انهن آوازن کي لکڻ سکنداسين. استاد بورڊ تي لکي ۽ سڀني آوازن جي شروع واري، وچين، آخري ۽ مڪمل شڪل جا فليش ڪارڊ به ڏيکاري.
- شاگردن کان پهريون آواز /ب/ پڇي ٻڌائيندي ته پوئين سبق ۾ عورت ۾ ’ت‘ جو آواز ياد آهي ته لکي ڏيکاريو ان کانپوءِ ان جي شروع واري شڪل پڇي ۽ لکرائي جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي ياد نه هجي ته پوءِ استاد بورڊ تي ’بـ‘ جي نشاني ڏاهي ۽ ٻڌائي ته

بـ

هيٺ ليڪ ڪڍي پوءِ ٿوري سڌي ليڪ ڏاهيو ۽ ان جي هيٺيان هڪ نقطو ڏيو.

پوءِ ’ب‘ جي سڀني شڪلين جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ بورڊ تي لکي ڏيکاريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| بـ | ـبـ | ـب | ب |
| شروعاتي شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

هتي شاگردن کي ٻڌايو ته ’ب‘ کي چئن صورتن ۾ لکيو ويندو آهي. Tablet تي ’ب‘ لکڻ جو طريقو ٻڌايو.

ان کانپوءِ اڳيون آواز ’چ‘ پڇو ۽ لکڻ سيکاريو.

ـچـ

شاگردن کي ٻڌايو تہ هيٺان ڪان مٿي ليڪ وجي پوءِ آڏي ليڪ سان هيٺ اچي گولائي ۾ 'چ' واپس هيٺ سڌي ليڪ ڪڍو. هتي اهو بہ ٻڌايو تہ اِها 'چ' جي وچين شڪل آهي. ان جون باقي شڪليون فليش ڪارڊ تان ڏيکاري بورڊ تي ڏاهيو.

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
|---|---|---|---|
| چـ | ـچـ | ـچ | چ |

شاگرد 'ٻچت' لفظ جو آخري آواز 'ت' پوئين سبق ۾ پڙهي آيا آهن ان لاءِ انهن کي گهرائي بورڊ تي لکرايو.

ـت

ان کان پوءِ ٻچت لفظ جوڙي لکي ڏيکاريو.

~~هاڻي لفظ 'بازار' جا~~ آواز پڇو ۽ لکرايو.

پهريون آواز 'ٻ' شاگردن کان لکرايو انهن ٻچت ۾ ان کي سکيو آهي جيڪڏهن نہ اچي تہ ورجاءُ ڪرايو.

ٻـ

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو جتي 'ٻـ' کي ختم ڪيو هو اتي 'ا' هيٺ کان مٿي ليک ڪڍو.

ٻـا

| آخري شڪل | مڪمل شڪل |
|---|---|
| ـا | ا |

ان کان پوءِ پوئين سبق ۾ 'ر' جي مشق ڪري آيا آهن. هاڻي اڳيون آواز 'ز' پڇي شاگردن کي سڏائي 'ر' آواز لکرايو ۽ پوءِ ٻڌايو تہ 'ز' لاءِ ان جي مٿان هڪ نقطو لڳائيو.

## ز

## بـ ـاز

هاڻي اڳين آوازن 'ا' ۽ 'ر' لاءِ شاگردن کان لکرايو ۽ لفظ مکمل ڪرايو.

## بـ ـازار

مڪمل لفظ 'بچت بازار' جي مشق ڪرايو ۽ شاگردن کي سڏائي مشق بورڊ تي ڪرايو ان کان پوءِ ڪتاب جي ورڪ شيٽ تي لکڻ جي مشق ڪرايو.

سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ:

جڏهن شاگرد لفظ 'بچت بازار' جون سڀ شڪليون سمجهي انهن جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انهن کي لفظن جي جادوءَ واري راند ياد ڪرايو ۽ 'بچت بازار' جا سيئي فليش ڪارڊ سامهون رکي شاگرن کان نوان لفظ ٺاهرايو.

شاگردن کي چئو ته انهن کي جوڙي نوان لفظ ٺاهيو. هتي شاگردن جي رهنمائي ڪريو ۽ بامعنيٰ لفظ ٺاهڻ ۾ انهن جي مدد ڪريو.

- فليش ڪارڊ جي ترتيب مٽائڻ سان جيڪي لفظ ٺهندا انهن ۾ اکرن جي شڪل مٽجي سگهي ٿي جيئن 'بابا' ۾ 'ب' جي مڪمل شڪل بدران شروع واري شڪل استعمال ٿئي ٿي. شاگردن کي اکرن جي مختلف شڪلين جو ورجاءُ ڪرايو.
- ان کان پوءِ شاگردن کي چئن گروپن ۾ ويهاريو ۽ فليش ڪارڊن ذريعي نوان لفظ ٺاهڻ جي هدايت ڏيو 20 منٽن کانپوءِ هر گروپ کان پڇو ته هنن ڪيترا لفظ ٺاهيا آهن. جنهن گروپ وڌيڪ لفظ ٺاهيا هجن انهن جي حوصلا افزائي ڪريو. اِها راند وري اڳ سکيل لفظن همت واري عورت ۽ بچت بازار ٻنهي جي اکرن جا فليش ڪارڊ ڏئي راند ڪرايو ته جيئن وڌيڪ نوان لفظ ٺاهي سگهن. ان کانپوءِ ڪتاب ۾ ڏنل نوان لفظ پڙهايو.

**نوان لفظ:**

راڻ ٻاٻا، راڙو رٻ، راتہ، زون روزا، اوزان زن وان تاڙِي، رعب، ٻاھ، ٻان
چارو چوزو چور

**سرگرمي 5: جائزو:**

- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.
- بورڊ تي مختلف لفظ لکي انھن ۾ 'ز' تي گول ڪيڻ لاءِ چئو.
- ڪنھن بہ ڪم لاءِ منصوبابندي ڇو ضروري آھي؟

سبق ٽيون

## ناڻو ۽ ڪرنسي

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:

- لفظ 'ناڻو ۽ ڪرنسي' ۾ ڏنل آوازن ذريعي اهي لفظ پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- سنڌي الف ب ۾ڏي آوازن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- الف ب ۽ لفظن جي جوڙ توڙ ڪري سگهندا.
- اکر ۽ لفظ لکي سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جي ڪتاب، بورڊ، وڊيو لاءِ Tablet، لفظ ناڻو ۽ ڪرنسي ۾ استعمال ٿيندڙ اکرن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

1. تصوير ڏسي ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪرڻ:

شاگرد ڪتاب ۾ ڏنل تصوير غور سان ڏسن ۽ پوءِ استاد هيٺيان سوال ڪري ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪري،

- تصوير ۾ ڇا نظر اچي رهيو آهي؟
- ڪرنسي اسان جي ڪھڙي ڪم اچي ٿي؟
- ڇا اسان کي پنھنجي آمدني هڪ ئي وقت ۾ ختم ڪرڻ گھرجي؟ جي ها يا نہ تہ ڇو؟
- توهان پنھنجي گھر جي خرچ جو حساب ڪتاب ڪيئن ناهيندا آهيو؟
- جيڪڏهن توهان جي آمدني وڌيڪ ٿي وڃي تہ توهان ڇا ڪندا؟

- اسان بچت ڇو ڪندا آهيون؟
- ڇا بچت صرف پئسن جي ٿيندي آهي؟
- شاگردن کي ٻڌايو ته پنهنجي زندگي بهتر بڻائڻ لاءِ اسان پنهنجي وسلين/ آمدني ۽ خرچ ۾ توازن رکندا آهيون ۽ پنهنجي آمدني مطابق خرچ هلائيندا آهيون. پنهنجي آمدنيءَ جا ذريعا وڌائڻ سان گڏ بچت جي عادت به ضروري آهي. بچت مان مراد آمدنيءَ مان ڪجهه پئسا بچائي رکڻ جيڪي اسان کي ڏکي سڪئي وقت ۾ ڪم ايندا. بچت ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن.

جيئن:

- خرچ کان پهرين بچائڻ
- غيرضروري خرچ ۾ گهٽتائي
- بجيٽ ٺاهڻ
- آمدني وڌائڻ

ڪهاڻي پڙهائڻ

شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي پڙهايو.

ثمينه هڪ ننڍي شهر سان تعلق رکي ٿي. هن جي شادي ننڍيءَ عمر ۾ ٿي ڪرائي وئي. هن جو مڙس ڪافي عرصي کان بيمار آهي. ٽن ننڍن ٻارن سان گهٽ آمدنيءَ ۾ گهر جو خرچ هن لاءِ هلائڻ مشڪل ٿي ويو هو. مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ گهر جون سڀ ذميواريون ثمينه جي ذمي اچي ويون. مڙس جي بيماريءَ لاءِ ورتل قرض لاهڻ ۽ گهر جو خرچ هلائڻ ڏکيو ٿي ويو هو. ثمينه پڙهيل ته نه هئي پر سلائي ۽ ڀرت جو ڪم ڄاڻيندي هئي. هن پاڙي وارن جا ڪپڙا سبڻ شروع ڪيا پر ان مان ايتري آمدني نه هئي جو قرض به لاهي سگهي.

ثمينه جي حالتن کي ڏسندي سندن ماسيءَ ڪيس ڪراچي اچڻ جو مشورو ڏنو. وڏن شهرن ۾ بوتيڪ ۾ گهڻو ڪم ملندو آهي. ثمينه جي ماسيءَ کيس پنهنجي سڃاڻڻ واري

جي بوتيڪ تي وٺي وئي، جنهن کي ثمينہ جو ڪم پسند آيو پوءِ بوتيڪ واري ثمينہ کي ڪم ۾ استعمال ٿيندڙ سامان ۽ ڪجهہ پئسا اڳواٽ ڏنا. ثمينہ محنت سان اهو ڪم مڪمل ڪيو تہ هن ڪيس وڏيڪ آبر ڏنا. هاڻي ثمينہ لاءِ اڪيلي ايترو ڪم ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو. جنهن ڪري ڪجهہ ڇوڪريون ڪم لاءِ رکيائين ۽ انهن جي مدد سان ڪم مڪمل ڪيائين.

اهڙيءَ طرح هن جي منافعي ۾ بہ اضافو ٿيندو ويو. هن گهر جي خرچ کانپوءِ بچيل رقم مان وِيسِي وِڌي تہ جيئن قرض لهي سگهي. هن بچت لاءِ هڪ ننڍڙي پيتي بہ رکي، گهر جي اڱڻ ۾ ڀاڄيون پوکيون ۽ ڪجهہ ڪڪڙيون بہ پاليون. وقت کي بچائڻ لاءِ هوءَ صبح جو سويري اٿندي آهي ۽ ڏينهن جي روشنيءَ مان فائدو وٺندي آهي.

انهن ڪمن سان سندس گهر جي آمدنيءَ ۾ اضافو ۽ خرچ بہ گهٽ ٿيو آهي. هاڻ هوءَ پنهنجن پيرن تي بيٺل آهي ۽ خوداعتماديءَ ۽ همت سان پنهنجي ٻارن جو بهتر مستقبل ٺاهي سگهي ٿي .

هاڻ شاگردن کان هيٺيان سوال ڪريو.

- ثمينہ جي مڙس جي مرڻ کانپوءِ ان تي ڪهڙيون ذميواريون آيون؟
- ڇا ثمينہ ان لاءِ تيار هئي؟
- هن کي قرض ڇو وٺڻو پيو؟
- قرض لاهڻ لاءِ ۽ ٻارن جي تعليم لاءِ ثمينہ ڇا ڇا ڪيو؟
- انهن حالتن ۾ ثمينہ همت نہ ڪري ها تہ ٻارن جي مستقبل جو ڇا ٿئي ها؟
- هن ڪهاڻيءَ مان توهان ڇا سکيو؟

سرگرمي2: پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق:

اڄ تہ اسان ’ناڻو ۽ ڪرنسي‘ لفظ سکون.

- شاگردن کان پڇو تہ لفظ ناڻو ۾ ڪيترا آواز آهن؟
  ان کانپوءِ ’ڪرنسي‘ ۾ ڪيترا آواز آهن.

- هاڻي شاگردن کان پڇو ته ناڻو ۽ ڪرنسي پنهي لفظن ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن؟
- شاگردن کان پهرين ناڻو ۾ پهريون آواز پڇو؟ (ن) ان کان اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /ا/
وري ان کان اڳيون آواز ڪهڙو آهي /ڻ/
ان کان پوءِ ناڻو ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /او/
ان کان پوءِ 'ءِ' جو آواز پڇو؟
- هاڻي شاگردن کان پڇو ته ڪرنسي ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /ڪ/
- ان کان اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /ر/
- ان کان اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /ن/
- هاڻي ڪرنسي ۾ اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /س/
- ڪرنسي لفظ ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي. /اِي/
آخر ۾ استاد شاگردن کان ناڻو ۽ ڪرنسي جي آوازن جو ورجاءُ ڪرائي.
آخر ۾ استاد شاگردن سان گڏجي 'ناڻو ۽ ڪرنسي' جي آواز جو ورجاءُ ڪري.

سرگرمي3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق:

شاگردن کان پڇو ته اڄ ڪهڙي شيءِ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي، ان کانپوءِ شاگردن کي 'ناڻو ۽ ڪرنسي' بابت ڄاڻ ڏيڻ کانپوءِ چئو ته هاڻي اسان 'ناڻو ۽ ڪرنسي' جي آوازن کي لکڻ سکنداسين.

شاگردن کان پهرين 'ناڻو' جو پهريون آواز پڇو ۽ پوءِ بورڊ تي لکي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ته 'ب ۽ ت' جي شروع واري شڪل ئاهي ان جي مٿان هڪ نقطو لڳايو.

نـ

هتي 'ن' جي باقي شڪلين جو فرق به ٻڌايو

| مکمل شکل | آخري شکل | وچين شکل | شروع واري شکل |
| --- | --- | --- | --- |
| ن | ـن | ـنـ | نـ |

ان کان پوءِ ’ناڻو‘ ۾ اڳيون آواز پڇو ۽ ٻڌايو تہ اهو اسان پهرين ڪهڙي لفظ ۾ پڙهي آيا آهيون ورجاءَ لاءِ بازار لفظ ۾ ياد ڪرايو ۽ ڪنهن شاگرد کي چئو تہ اچي بورڊ تي لکي

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو؟ ’ڻ‘، ڻ لکرائڻ لاءِ پيهر ’ن‘ وانگر لکرائي ان جي مٿان ’ط‘ جي نشاني ڏيو

ڻـ

هتي ’ڻ‘ جي باقي شڪلين جي سڃاڻپ بہ ڪرايو.

| مکمل شکل | آخري شکل | وچين شکل | شروع واري شکل |
| --- | --- | --- | --- |
| ڻ | ـڻ | ـڻـ | ڻـ |

آخر ۾ ’ناڻو‘ جو آخري آواز پڇو. /او/ ان کانپوءِ شاگردن کان پڇو تہ اهو آواز ڪهڙي سبق ۾ سکيو هو. رهنمائي ڪريو ۽ لفظ عورت ۾ ان آواز جو نشان ياد ڪرايو ۽ شاگردن کان لکرايو.

ـو

هاڻي استاد ’ناڻو‘ لفظ لکي ’ءِ‘ جو آواز پڇي لکي ڏيکاري

ءِ

عورت لفظ ۾ ’ع‘ واري شروعاتي شکل ناهي ان جي هيٺان ٻہ نقطا ڏئي ۽ ٻڌائي تہ ’ءِ‘ هن ريت لکبو آهي.

هاڻي لفظ ’ڪرنسي‘ لاءِ پهريون آواز پڇي. شاگرد ’ڪ‘ جو آواز ٻڌائين تہ پوءِ چئي تہ اسان ’ڪ‘ لکڻ سکنداسين.

استاد بورڊ تي ’ڪ‘ لکي ڏيکاري ۽ ٻڌاءِ تہ

ڪ

ننڍي آڏي ليڪ ڪڍي پوءِ پويان سڌي ليڪ گولائيءَ ۾ واپس گھمائي سڌي ليڪ تي ختم ڪريو. هتي ’ڪ‘ جي ٻين شڪلين جي باري ۾ ٻڌايو.

| مڪمل شڪل | آخري شڪل | وچين شڪل | شروع واري شڪل |
|---|---|---|---|
| ڪ | ـڪ | ـڪـ | ڪـ |

هاڻي شاگردن کان ڪرنسي ۾ پيو آواز پڇي. ’ر‘ لاءِ ٻارن کان پڇو تہ اهو آواز ڪهڙين ڪهڙي سبق ۾ سکيو آهي. لفظ عورت يا بازار ۾ ورجاءُ ڪرايو ۽ پوءِ شاگردن کان لکرايو. جڏهن شاگرد مڪمل شڪل ۾ لکن تہ پوءِ ان کي اڳيان ننڍي ليڪ ڏيو ۽ ٻڌايو تہ ’ر‘ جي وچين يا آخري شڪل ائين لکبي آهي. پيھر ورجاءُ لاءِ باقي شڪلين جو فرق ٻڌايو

ـر

| وچين ۽ آخري شڪل | شروع واري ۽ مڪمل شڪل |
|---|---|
| ـر | ر |

شاگردن کان ڪرنسي ۾ ٽيون آواز پڇو جيڪڏهن ٻار ٻڌائين تہ پوءِ لفظ ’ناڻو‘ ۾ ياد ڪرايو تہ اهو آواز اسان پڙهي ۽ سکي آيا آهيون. شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

نـ

ان کان پوءِ استاد اڳيون آواز ’سـ‘ پڇي ۽ بورڊ تي لکي ڏيکاريو

نڪ، وڻ، نوان، وزن، واڻ، هڪ، اڻ، ناڻ، روزانو روانو
مڻ، هنن، ماڻ، ڪن، ورنٺڻ چانهه، چانور، چٺا، چونڻ چوڪي،
ڪر، ڪمبل، ڪتاب، انب، ڪيلو

**سرگرمي 5: جائزو**

- صرف 'ب' اکر بورڊ تي لکو ۽ شاگردن کان پڇو ته ان جهڙي سکيل پڻ شڪلين وارا اکر لکي.
- اهڙا ٻه نالا ٻڌايو جنهن ۾ 'س' جو آواز اچي.
- عاليه جو مڙس هڪ هاري آهي اهو هٿ سان هر هلائيندو آهي، عاليه جي خواهش آهي ته هن جي مڙس وٽ ٽريڪٽر هجي. عاليه کي اها خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
- Tablet تي 'ن'، 'س' ۽ 'ڪ' جي نشاندهي ڪرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.

سبق چوٿون

## گھڙيال ڏسڻ

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- سنڌي الف ب جي آوازن جي سڃاڻپ ڪري سگھندا.
- سڪيل اکرن جي مدد سان لکڻ جي مشق ڪري سگھندا.
- آوازن جي جوڙ توڙ ڪري نوان لفظ ٺاهي سگھندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، ٽائيم ٽيبل، لفظ گھڙيال ڏسڻ ۾ ايندڙ اکرن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

1. تصوير ڏسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:

شاگردن کي ڪتاب ۾ تصوير ڏيکاري هيٺيان سوال پڇو.

- هي ڇا آهي؟ (گھڙي، گھڙيال)
- هن مان اسان کي ڇا خبر پوندي آهي؟
- توهان جو ڪلاس، ڪهڙي وقت تي شروع ٿيندو آهي؟
- توهان فجر جي نماز ڪهڙي وقت پڙهندا آهيو؟
- ڇا توهان پنهنجي ڪم ڪار ۾ وقت جو خيال رکندا آهيو؟
- وقت جو خيال رکڻ سان توهان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو آهي؟

هاڻي شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پڇو:

- جڏهن نورين کي آرڊر مليو هو ته هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي ها؟
- مقرر وقت تي آرڊر نه ڏيڻ سان ڪهڙا نقصان ٿيندا آهن؟
- ڇا توهان سان ڪڏهن ائين ٿيو آهي؟
- توهان ان حالت ۾ ڇا ڪيو هو؟

سرگرمي: ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق:

اچو ته لفظ 'گهڙيال ڏسڻ' سکون ٿا.

- شاگردن کان پڇو ته لفظ 'گهڙيال ڏسڻ' ۾ ڪُل ڪيترا آواز آهن؟
- پوءِ شاگردن کان پڇو ته اُن ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن؟
- ان لاءِ پڇو ته گهڙيال ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /گهہ/
- ان کان پوءِ اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /ڙ/
- پوءِ ڪهڙو آواز آهي؟ /اي/
- گهڙيال ۾ 'اي' کانپوءِ ڪهڙو آواز اچي ٿو؟ /ا/
- هاڻي ٻڌايو ته گهڙيال ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /ل/

  ان کانپوءِ لفظ 'ڏسڻ' جا الڳ الڳ آواز پڇو

- ڏسڻ ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /ڏ/
- 'ڏ' کانپوءِ ڪهڙو آواز اچي ٿو؟ /س/
- ڏسڻ ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /ڻ/

آخر ۾ استاد شاگردن کي گهڙيال ڏسڻ جي سڀني آوازن جي مشق ڪرائي.

سرگرمي3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق:

شاگردن کان پهريون آواز پڇو ۽ پوءِ بورڊ تي 'گهہ' لکي ڏيکاريو.

# گھ

اتي شاگردن کي ٻڌايو تہ 'گھہ' وسرڳ آواز آهي وسرڳ آواز اهو هوندي آهي جيڪي ٻن اکرن کي ملائي. (اکر سان ھہ جو آواز) هڪ آواز ڏي 'گھہ' لاءِ اڏ گول ڪيو. ان ڪانپوءِ مٿان ۾ ليڪون ڪيو.

ان کان پوءِ 'گھہ' جون ٽيون شڪلون ٿاهي فرق ٻڌايو

| | | |
|---|---|---|
| گھ | ـگھـ | ـگھہ |
| شروع واري شڪل | وچ واري شڪل | آخري شڪل |

ان ڪانپوءِ شاگردن کان گھڙيال جو ٽيو آواز پڇو 'ڙ' لاءِ شاگردن کان لفظ 'عورت' ۾ 'ر' جي آواز جو ورجاءُ ڪرائي بورڊ تي لکرايو. ان ڪانپوءِ چئو تہ هاڻي ان جي مٿان 4 نقطا لڳائيا

ڙ

ان کان پوءِ ان جي باقي شڪلين بابت ٻڌايو.

| | |
|---|---|
| ڙ | ـڙ |
| مڪمل شڪل | وچين آخري شڪل |

ان ڪانپوءِ اڳيون آواز پڇو 'اي' جي آواز لاءِ پڇو تہ اهو آواز پهرين ڪهڙي لفظ ۾ پڙهي آيا آهيون. شاگرد 'واري' ۽ 'ڪرنسي' لفظ ۾ ٻڌائيندا. جيڪڏهن نہ ٻڌائين تہ پوءِ ورجاءُ ڪرايو ۽ 'ي' جي وچين شڪل ياد ڪرائي لکرايو.

ـيـ

ان ڪانپوءِ اڳيون آواز 'ا' لاءِ بہ ورجاءُ ڪرايو ۽ لفظ 'بازار' ۽ 'ناٿو' ۾ سيکاريل آواز بورڊ تي لکرايو.

ـا

هاڻي 'گهڙيال' ۾ ايندڙ آخري آواز پڇو ۽ 'ل' بورڊ تي لکي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو تہ سڏي ليڪ ڪاهي هيٺ اڌ گول ڪاهيو.

ل

ان کان پوءِ 'ل' جون سيئي شڪليون ڪاهي ڏيکاريو

| | | | |
|---|---|---|---|
| لـ | ـلـ | ـل | ل |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

هاڻي 'ڏسڻ' لفظ ۾ پهريون آواز /ڏ/ پڇو ۽ شاگردن کي ٻڌايو تہ اڌ گول ڪيو ۽ ان جي مٿان ٻہ نقطا لڳايو.

ڏ

ان کان پوءِ 'ڏ' جون باقي شڪليون لکي ڏيکاريو.

| | | |
|---|---|---|
| ڏ | ـڏ | ڏ |
| شروع واري شڪل | وچين ۽ آخري شڪل | مڪمل شڪل |

هاڻي 'ڏسڻ' ۾ ٻيو آواز پڇو ۽ لفظ 'ڪرنسي' ۾ /سـ/ جو آواز ياد ڪرائي شاگردن کان بورڊ تي لکرايو. 'سـ' جو آواز ياد ڪرائي شاگردن کان بورڊ تي لکرايو. 'س' جي وچين شڪل لکرائي ان کانپوءِ پهرين شڪل جو ورجاءُ ڪرايو.

ـسـ

ان کانپوءِ شاگردن کان 'ڏسڻ' ۾ آخري آواز 'ڻ' پڇو شاگردن کان پڇو تہ اهو آواز اسان ڪهڙي لفظ ۾ پڙهي آيا آهيون. لفظ 'ناڻو' جو ورجاءُ ڪرائي، ان جي آخري شڪل بورڊ تي لکرايو.

ـڻ

هاڻي ’گهڙيال ڏسڻ‘ بورڊ تي لکي ڏيکاريو ۽ بورڊ تي مشق ڪرايو.

سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ.

- جڏهن شاگرد ’گهڙيال ڏسڻ‘ جي سيني اکرن جي مختلف شڪلين جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انهن کي انهن جي سيني اکرن جي مختلف شڪلين جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ انهن مان نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو. بامعنيٰ لفظن ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪريو.
- ان کان پوءِ اڳ پڙهايل سيني لفظن جا فليش ڪارڊ به ڏيو ۽ وڏيڪ لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو.

نوان لفظ:

گهر، گھُرڻ، تير، گِهر، زيور، نيرو، زال، ڏوري، ماڙي، لوڻ، هلو، ڏيڻ، آهي.

- شاگردن کان هتي ڪجهه جملا به لکرايو.
- گي گهر آهي.　　　هي ڪتاب آهي.

سرگرمي 5: جائزو:

ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ تي آوازن کي ملائي لفظ ٺهرايو.

گهـ + ڙ + ي =

ڪ + تـ + ا + ب =

ڪ + ر + ڏ + سـ + ي =

- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ تي لکڻ جي مشق ڪرايو.

سبق پنجون

## ڪئلينڊر جي چارٽ

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- سنڌي الف - ب جي آوازن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- سڪيل آوازن جي نشاندهي ڪري سگهندا.
- آوازن جي جوڙ ٽوڙ ڪري نوان لفظ ٺاهي سگهندا.
- سڪيل اکر لکي سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو ڪتاب، هفتي جي ڏينهن جا فليش ڪارڊ، 'ڪئلينڊر جي چارٽ' ۾ ايندڙ آوازن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

1. تصوير ڏسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:

شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري هيٺين سوالن ذريعي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪريو. ڪتاب ۾ ڏنل ڪئلينڊر جي تصوير جو مقصد آوازن کي سيکارڻ آهي.

1. ڪتاب ۾ ڇا ڏيکاريل آهي؟
2. اسان ان کي ڇو استعمال ڪندا آهيون؟
3. توهان سينٽر ڪڏهن ڪڏهن ايندا آهيو؟
4. سينٽر ڪهڙي ڏينهن بند هوندو آهي؟
5. هڪ هفتي ۾ ڪيترا ڏينهن هوندا آهن؟

هتي شاگردن کي ٻڌايو ته هڪ هفتي ۾ ست ڏينهن هوندا آهن ۽ هر ڏينهن جو نالو هوندو آهي. ڪئلينڊر ان لاءِ ٺاهيو ويندو آهي جيئن ته ان ۾ مهينن، ڏينهن ۽ تاريخن کي ياد

ڪرڻ آسان آهي. شاگردن کان هفتي جي ڏينهن جا نالا پڇو ۽ ڏکيائي هجي ته انهن جي رهنمائي ڪريو.

2. راند روند ۾ سکڻ: (رول پلي)

ستن شاگردن کي هڪ لائين ۾ بيهاريو. هاڻي انهن کي ٻڌايو ته اسان ڪئلينڊر ٺاهينداسين.

پهرين شاگردن کي چئو ته هن جو نالو 'سومر' آهي. ٻئي شاگرد کي چئو ته هن جو نالو 'اڱارو' آهي اهڙيءَ طرح ٽئين شاگرد جو نالو 'اربع' آهي. چوٿين شاگرد جو نالو 'خميس' آهي. پنجين جو نالو 'جمعو' ۽ ڇهين جو نالو 'ڇنڇر' ۽ ستين جو 'آچر' آهي.

شاگردن جي تعداد مطابق انهن کي 30 تائين عدد ڏيو ۽ پوءِ هفتي جي ڏينهن مطابق مهيني جو ڪئلينڊر ٺهرايو.

سرگرمي 2: پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق:

اچو ته لفظ 'ڪئلينڊر جي چاڻ' سکون.

- شاگردن کان پڇو ته لفظ 'ڪئلينڊر جي چاڻ' ۾ ڪُل ڪيترا آواز آهن؟
- ان کان پوءِ پڇو ته ان ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن؟
- ان کان پوءِ شاگردن کان پڇو ته لفظ ڪئلينڊر ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /ڪ/
- ان کان پوءِ ڪهڙو آواز آهي؟ /اِي/
- پوءِ اڳيون آواز پڇو؟ /ل/
- ان کان پوءِ ڪهڙو آواز آهي؟ /اِي/
- ان کان پوءِ اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /ن/

 هاڻي ٻڌايو ته 'ڪئلينڊر' ۾ 'ن' کان پوءِ ڪهڙو آواز اچي ٿو؟ /ڊ/
- ڪئلينڊر ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /ر/

 ان کان پوءِ لفظ 'جي چاڻ' ۾ الڳ الڳ آواز پڇو
- لفظ 'جي' ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن /ج/ ۽ /اِي/

 اهڙي طرح 'چاڻ' ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /چ/

- ان کان پوءِ ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟ /ا/
- هاڻي چاڻ ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /ڻ/

آخر ۾ استاد شاگردن کي 'ڪئلينڊر جي ڇاڻ' جي سيني آوازن جي مشق ڪرائي.

**سرگرمي 3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق:**

شاگردن کان ڪئلينڊر جو پهريون آواز پڇي ۽ پوءِ ورجاءُ ڪرائي ته اهو آواز اسان پهرين ڪهڙي لفظ ۾ پڙهي آيا آهيون. جيڪڏهن شاگرد نه ٻڌائين ته لفظ 'ڪرنسي' ۾ /ڪ/ جي آواز جو ورجاءُ ڪرائي ۽ ڪنهن هڪ شاگرد کي سڏائي بورڊ تي لکرائي.

ڪـ

ان کان پوءِ اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ (اي) حمزو لکڻ لاءِ ب جي شروعاتي شڪل لکي ان مٿان 'ء' جي نشاني لڳايو.

ئـ

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ /ل/ لاءِ گهڙيال ۾ 'ل' جي وچين شڪل لکي ڏيکاري.

ـلـ

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ /اَي/ لاءِ 'اي' جي وچين شڪل لکي ڏيکاري.

ـيـ

ان کان پوءِ 'ن' لاءِ به ورجاءُ ڪرائي ته لفظ 'ناڻو' ۾ اسان /ن/ جي آواز پڙهي آيا آهيون ان جي وچين شڪل جو ورجاءُ ڪرائي ۽ شاگردن کان بورڊ تي لکرائي.

ـنـ

ان کان پوءِ لفظ ’ڪئلينڊر‘ ۾ ’ڻ‘ کان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ ڏسڻ ۾ /ڏ/ جي شڪل بورڊ تي ٺهرائي ان جا نقطا ڊاهي هڪ نقطو هيٺ لڳائي ٻڌائي ته هي ’ڊ‘ جي وچين ۽ آخري شڪل ٿيندي آهي.

ـڊ

هاڻي آخري آواز لاءِ لفظن ’عورت ۽ بازار‘ ۾ /ر/ جي آواز جو ورجاءُ ڪرائيندي شاگردن کان بورڊ تي ’ر‘ لکرائي.

ر

لفظ ’جي‘ لاءِ پهريون آواز پڇو ان کانپوءِ پڇو ته /ج/ جي آواز ڪهڙي لفظ ۾ سکي آيا آهيون.

لفظ ’بچت‘ مان ’چ‘ جي پهرين شڪل لکرايو ۽ پوءِ نقطا ڊاهي هڪ نقطو وچ ۾ لڳائي ٻڌايو ته هي ’ج‘ آهي.

جـ

ان کان پوءِ /اِي/ لاءِ لفظ ’ڪرنسي‘ ۾ (اي) جي شڪل ياد ڪرائي لکرايو.

ـي

هاڻ لفظ ’چاڻ‘ جو پهريون آواز پڇو /ڇ/ جي پهرين شڪل پيهر لکرائي ان جا نقطا ڊاهي ٻه نقطا اهڙي طرح لکي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ته هي ’چ‘ آهي.

چـ

ان کان پوءِ اڳيون آواز /ٺ/ پار پاڻ بورڊ تي لکي ڏيکارين ۽ ’ٺ‘ لاءِ ٻه لفظ ’ناٺو‘ ۾ ’ٺ‘ جي مڪمل شڪل ياد ڪرائي شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

ٺ

هاڻي استاد مڪمل لفظ ’ڪئلينڊر جي چاڻ‘ لکي ڏيکاري ۽ پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق ڪرائي.

سرگرمي 4:

نوان لفظ ٺاهڻ

- جڏهن شاگرد ’ڪئلينڊر جي چاڻ‘ جي سيٽي اکرن جي مختلف شڪلين جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انهن کي سيٽي اکرن جي مختلف شڪلين جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ چئو ته انهن مان نوان لفظ ٺاهيو. ان دوران استاد شاگردن کي با معنيٰ لفظ ٺاهڻ ۾ مدد ڪري.
- ان کان پوءِ اڳ پڙهيل سيٽي لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ وڌيڪ لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو.

نوان لفظ:

نيڪ، ليڪ، ڪن، ڪُني، ويهاڻا، ڪرم، نِيرو، تين، ڪنوان، ڪَوَن، تيس، ٽلڪو، ليڪ، ريل، ڪانڊيڪا، ڊيل، پوڙهڻ، عينڪ، گهٽو

- شاگردن کي هٿي ڪجهه جملا ٺاهڻ لاءِ به چئو ۽ انهن جي مشق ڪرايو.

هي عينڪ آهي.　　　　هي ٽلڪو آهي.

سرگرمي 5: جائزو:

- هفتي جو پيو ڏينهن ڪهڙو هوندو آهي؟
- اسڪول، سينٽر ۽ آفيس ڪهڙي ڏينهن بند هوندا آهن؟
- آواز ’ڪ‘ جون سڀ شڪليون لکي ڏيکاريو؟
- لفظ ’رانديڪا‘ لکو.
- جسم جي اهڙن عضون جا نالا لکو جيڪي ’ڪ ۽ ن‘ سان ٺهن ٿا.
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ ۾ شئين جي تصوير کي درست نالن سان ليڪ وسيلي ملائي حل ڪرايو.
- لکڻ جي مشق لاءِ ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ ڪرايو.

سبق ڇھون

## سال ۽ مُندون

**مقصد:**

ھي سبق پڙھڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ ھو:

- لفظ 'سال ۽ مندون' ۾ ڏنل آوازن کي پڙھي ۽ لکي سگھندا.
- ڏنل لفظن ۾ آواز جي سڃاڻپ ڪري سگھندا.
- لکيل آوازن جي مدد سان نوان لفظ ۽ جملا ٺاھي سگھندا.
- لفظ ۽ جملا لکي سگھندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، لفظ سال ۽ مندون ۾ ايندڙ آوازن جا فليش ڪارڊ، شمسي ۽ قمري (ھجري) ڪئلينڊر

**ذھني آمادگي:**

1. تصوير ڏسي ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪرڻ.

شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪريو ۽ پوئين سبق ۾ پڙھايل ڪئلينڊر بابت معلومات ڏيو.

ڪتاب ۾ سڄ جي تصوير ڏيڻ جو مقصد آھي شاگردن کي ڪي ڄاڻ ملي تہ ڏينھن، مھينن، سالن ۽ مندن جو نظام سڄ تي دارو مدار رکي ٿو.

شاگردن کان ھيٺ ڏنل سوال پڇو:

شاگردن کان ڪتاب ۾ ڪئلينڊر ڏيکاري سوال پڇو تہ ھن ۾ ڪئلينڊر ڇو آھن؟

- ھڪ تي سڄ ۽ ٻئي تي چنڊ ٺھيل آھي ان مان ڇا مراد آھي؟

ھتي شاگردن کي قمري ۽ شمسي ڪئلينڊر جي ڄاڻ ڏيو ان کان پوءِ پڇو تہ

- سال ۾ ڪُل ڪيترا مھينا ھوندا آھن؟
- ھي ڪھڙو مھينو ھلي پيو؟

اهڙي طرح ’سال‘ ۾ آخري آواز /ل/پڇو ۽ گھڙيال ۾ آخري آواز /ل/ پڇو سال ۽ گھڙيال ۾ آخري آواز ياد ڪرائيندي بورڊ تي شاگردن کان لکرايو.

’ڻ‘ جي آواز ٻه شاگردن ’ناڻو ۽ ڪرنسي‘ ۾ سکي آيا آهن. ان جو ورجاءُ ڪرايو ۽ شاگردن کان لکرايو.

هاڻي لفظ ’منلون‘ جو پهريون آواز پڇو

شاگردن کان ’م‘ جو آواز ڪيرايو ۽ بورڊ تي لکي ڏيکاريو.

مـ

هتي ٻڌايو ته گول ڦاهي اڳتي ليڪ ڪيو هتي ’م‘ جون ٻيون شڪليون ڦاهي ڏيکاريو.

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
| --- | --- | --- | --- |
| مـ | ـمـ | ـم | م |

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو. /ن/ ان کانپوءِ پڇو ته اهو آواز پهرين کهڙي لفظ ۾ پڙهي آيا آهيون. ورجاءُ ڪرايو ۽ ٻڌايو ته لفظ ’ناڻو ۽ ڪرنسي‘ ۾اهو آواز ڪٿي ڪٿي آيو هو ۽ پوءِ شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

نـ

هتي ’ن‘ جون باقي شڪليون ٺهرايو

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ (د) لاءِ گلريل سبقن ۾ پڙهايل اکرن ’ڏ ۽ ڊ‘ جي آواز جو ورجاءُ ڪرايو ۽ لکرايو ۽ پوءِ ان جو نقطو ڊاهي ٻڌايو ته هي ’د‘ جي شڪل آهي.

ـد

هتي ’د‘ جي باقي شڪلين بابت ٻه ٻڌايو.

| مڪمل شڪل | وچين ۽ آخري شڪل |
| --- | --- |
| د | ـد |

ان کان پوءِ لفظ 'منڊون' ۾ اڳيون آواز پڇو /اُ/ /او/ جو آواز ۽ پهرين پڙهايل (او) وانگر بورڊ تي لکي ڏيکاريو.

ـو

لفظ 'مُنڊون' ۾ آخري آواز /ن/ جو آواز پڇو ۽ پوءِ پهرين سيکاريل (ن) جو آواز ٻيهر لکرايو.

شاگردن کي چئو ته (ن) جي مڪمل شڪل بورڊ تي لکي ڏيکارين.

ن

هاڻي استاد 'سال ۽ مُنڊون' لکي ڏيکاري ۽ مشق ڪرائي.

سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهيو:

- پهرين شاگردن کي لفظ 'سال ۽ منڊون' جي اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ انهن مان نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو. هتي شاگردن جي بامعنيٰ لفظ ٺاهڻ ۾ انهن جي مدد ڪريو.
- ان کان پوءِ شاگردن کي اڳ پڙهايل سيني لفظن جا فليش ڪارڊ ڏئي وڌيڪ نوان لفظ ٺهرايو. 20 منٽن کان پوءِ پڇو ته اوهان مان ڪنهن وڌيڪ نوان لفظ ٺاهيا آهن. ان کان پوءِ شاگردن کي ٺهيل نوان لفظ پڙهايو.

نوان لفظ:

راز، بابا، رازو، ربه، رات، زور، روزا، اوزار، زر، وار، تازِي، رعب، باهه، بار،
چادر، چوزو، چور

نتڻ، سامان، سُور، سمنڊ، سياري، سوڙ، ميرا، سرهُ، بهار، گرمي، سائيڪل، سوال، سامان، سچ،
اسلام، عبادت، نمونا، موتي، مال، دال، منهنجو، تنهنجو، توانائي.

- شاگردن کان ڪجهه جملا به ٺهرايو.

مثال طور:

ساماڻ ڏي. هيءَ منهنجي سائيڪل آهي. سياري ۾ سيءُ هوندو آهي
بهار ۾ هر هنڌ ساوڪ هوندي آهي.

سرگرمي 5: جائزو:

شاگردن کي چئن گروپن ۾ ويهاريو ۽ انهن کي اخبار جا ٽڪرا ڏيو. هر گروپ کي هدايت ڏيو ته ڏنل مواد ۾ (س، ر، ن) وارن لفظن تي گول ڪين. شاگرد گهٽ ۾ گهٽ 10 اهڙا لفظ چونڊي ڏيکارين.

- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.
- مهينن جا نالا پڇو.
- ڏُنڊن جا نالا پڇو.

سبق ستون

## ڦاپان جي ڍڳي

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ هو:

- لفظ 'ڦاپان جي ڍڳي' ۾ ڏنل آوازن کي پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- لفظن ۾ آوازن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- سکيل آوازن جي مدد سان نوان لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهندا.
- لفظ ۽ جملا لکي سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، لفظ 'ڦاپان جي ڍڳي' ۾ ايندڙ آوازن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

1. تصوير ڏسي ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪرڻ:

شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاريو ۽ ڏنل ڪهاڻي مناسب لهجي ۽ انداز سان ٻڌايو.

2. ڪهاڻي ٻڌائڻ:

ڦاپان هڪ ڳوٺ ۾ رهندي آهي. ان جا چار ٻار آهن. هوءَ انهن کي سٺي تعليم ڏيارڻ چاهي پئي. هن جي خاندان جي آمدني گهٽ آهي. هن کي اندازو هو تہ ان آمدني ۾ اهو سڀ ممڪن نہ آهي. هن ڪجهہ پئسا بچائي رکيا هئا انهن مان هن مال خريد ڪيو ۽ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. هن ڪُڪڙيون، ٻڪريون ۽ ڍڳي ڌاري، پهرين هوءَ صرف ڪُڪڙين جا آنا وڪرو ڪندي هئي هاڻي هوءَ ڍڳيءَ جو کير بہ وڪڻڻ لڳي.

هن کي ان جي هڪ ساهيڙي اهو مشورو ڏنو تہ هوءَ کير ۾ پاڻي ملائي وڪڻي تہ اڃا وڌيڪ منافعو ڪمائي سگهندي. ڦاپان ان جي مشوري تي عمل ڪيو ۽ ان کي سٺو منافعو ٿيو.

هاڻي ڦاپان کي لالچ ٿي ۽ هن کير ۾ پاڻي ملائڻ شروع ڪيو تہ جيئن وڌيڪ فائدو ٿئي. ڪجهہ ڏينهن تہ فائدو ٿيو پر ان کان پوءِ هن جا گراهڪ گهٽ ٿيڻ شروع ٿي ويا. ماڻهن هن کان کير ۽ گيهہ وٺڻ بند ڪري ڇڏيو. هن کي جلدئي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ هن پاڻي ملائڻ بند ڪري ڇڏيو. پر ماڻهو هن کان کير ۽ گيهہ وٺڻ لاءِ تيار نہ هئا. ڇو تہ هوءَ پنهنجو اعتبار وڃائي ويٺي هئي.

هاڻي شاگردن کان هيٺيان سوال پڇو:

- ڦاپان پنهنجو اعتبار ڇو وڃايو؟
- مسلسل منافعي ڪمائڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟
- ڇا ايمانداري صرف روپي پئسي جي معاملي ۾ ٿيندي آهي؟
- پنهنجي ڪم سان ايمانداري ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟ مثال ڏيو.
- هن ڪهاڻي مان توهان ڇا سکيو؟
- ڪاروبار لاءِ گراهڪن جو اعتماد حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ضروري آهي؟
- ڇا گراڪن کي ڌوڪو ڏئي ڪاروبار وڌائي سگهجي ٿو؟
- دوکو ڏيڻ سان ڪهڙو نقصان ٿيندو؟

ڦـ ـڦـ ـڦ ڦ

شروع واري شڪل وچين شڪل آخري شڪل مڪمل شڪل

هاڻي اڳيون آواز پڇو (ا). شاگرد 'ا' جي آواز پهرين سکي آيا آهن. ورجاءُ لاءِ انهن کان پڇو تہ اهو آواز ڪهڙي سبق ۾ پڙهي آيا آهن.

شاگرد جي ورجاءُ لاءِ بازار، ناڻو گهڙيال ۽ سال لفظن ۾ نشاندهي ڪرايو ۽ شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

ـا

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو /پ/ ۽ بورڊ تي لکي ڏيکاريو. 'ب' آواز ياد ڪرائي ڪنهن بہ هڪ شاگرد کان بورڊ تي لکرايو ۽ پوءِ ٻڌايو تہ 'پ' لاءِ هيٺان ٽي نقطا لڳائبا آهن.

پـ ـپـ ـپ پ

شروع واري شڪل وچين شڪل آخري شڪل مڪمل شڪل

اڳيون آواز پڇو ۽ شاگردن کان بورڊ تي لکرايو

ـا

هاڻي 'ڦاپان' جو آخري آواز پڇو ۽ لفظن 'ناڻو ۽ ڪرنسي' ۾ پڙهيل آواز جو ورجاءُ ڪرائي شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

ڻ

'جي' لاءِ بہ شاگردن کي لفظن 'ڪئلينڊر جي ڄاڻ' ۾ ورجاءُ ڪرائيندي ڪِن بہ ٻن شاگردن کان لکرايو.

جـ

جـي

هاڻي ڍڳيءَ ۾ ’ڍ‘ جي آواز لاءِ شاگردن کي پڙهايل لفظ ’ڏسڻ‘ ۾ ’ڏ‘ جي آواز جو ورجاءُ ڪرائي بورڊ تي لکرايو ۽ ’ڏ‘ جا نقطا ڍاهي هيٺ ٻہ نقطا لڳائي ٻڌايو تہ ’ڍ‘ جي شڪل آهي.

ڍ

هتي ان جي باقي شڪليون بہ لکي ڏيکاريو.

| وچين ۽ آخري شڪل | مڪمل شڪل |
| --- | --- |
| ـڍ | ڍ |

هاڻي شاگردن کان لفظ ’ڍڳي‘ ۾ ٻيو آواز /ڳ/ پڇو ۽ بورڊ تي لکي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو تہ ’ب‘ جي مڪمل شڪل ٺاهي ان تي بہ ٻئي ليڪون ٺاهيو ۽ هيٺ ٻہ نقطا لڳايو.

ڳ

هاڻي ان جون باقي شڪليون لکي ڏيکاريو.

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
| --- | --- | --- | --- |
| ڳـ | ـڳـ | ـڳ | ڳ |

هاڻي آخري آواز /اِي/ پڇو ۽ شاگردن کي ورجاءُ ڪرايو تہ اهو آواز ڪهڙن لفظن ۾ پڙهين سگهي آيا آهن. شاگردن کان ان ’ي‘ جي آخري شڪل لکرايو.

ـي

هاڻي استاد لفظ ’ڦاپان جي ڍڳي‘ لکي ڏيکاري ۽ مشق ڪرائي.

### سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ:

- شاگردن کي ’ڦاپان جي ڍڳي‘ جي اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ انهن مان نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو. شاگردن جي بامعنيٰ لفظ ٺاهڻ ۾ رهنمائي ڪريو.
- ان کان پوءِ شاگردن کي اڳ پڙهايل سڀني لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ وڌيڪ نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو. 20 منٽن کان پوءِ پڇو ته توهان مان ڪنهن وڌيڪ نوان لفظ ٺاهيا آهن. انهن جي حوصلا افزائي ڪريو ۽ پوءِ ڪتاب مان نوان لفظ پڙهايو.

### نوان لفظ ۽ جملا:

ڦنڊڻ، ٽپ، واڳون، ٺٺيو، سانوڻ، پوک، راڳي، راڳ، ماڳ، ڀون ڦيرڻ، ڳاڙهو اڳ، ڳورو ساڳيو ساڳ، پڳ، پاسو ڦيرو، نياپو

شاگردن کان پڙهايل لفظن مان جملا ٺاهڻ جي مشق ڪرايو.

هي ڳاڙهو ڦنڊڻ آهي.

هاري پوک پوکي ٿو.

سانوڻ ڦري آيو آهي.

- بورڊ تي لفظ ڳانو لکرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل لفظ ٺاهڻ ۽ جملا مڪمل ڪرائڻ واري ورڪ شيٽ ڪرايو.
- ڌوکو ۽ بي ايماني سان وقتي فائدو ملي ٿو جڏهن ته مستقل مزاجي ۽ ايمانداريءَ سان فائدو حاصل ٿئي ٿو ۽ بحث ڪريو.
- ڪتاب ۾ لکڻ واري ورڪ شيٽ ڪرايو.

سبق اٺون

## گراهڪ يا خريدار

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- لفظ ’گراهڪ يا خريدار‘ ۾ ڏنل آوازن کي لکي ۽ پڙهي سگهندا.
- لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهندا.
- اکرن جي صوتين کي ملائي لفظ ادا ڪري سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

درسي ڪتاب، بورڊ، لفظ ’گراهڪ يا خريدار‘ ۾ ايندڙ آوازن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

1. تصوير ڏسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:

شاگردن کي تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪريو. خريدار يا گراهڪ سان ڏوکو بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو.

شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پڇو:

- هي سڀ ماڻهو ڇا ڪري رهيا آهن؟
- انهن کي ماپ تور ڪندي ڇو ڏيکاريو ويو آهي؟
- ڇا توهان سان ڪڏهن خريداريءَ ۾ دوکو ٿيو آهي؟
- اسان گراهڪ جو پروسو ڪيئن حاصل ڪري سگهون ٿا؟
- جيڪڏهن اسان ڪنهن ڪم يا مجبوريءَ ڪري ڪم مقرر تاريخ تي پورو نه ڪري سگهون ته اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
- هڪ ورڪر/ ڪم ڪندڙ جون ٽي سٺيون عادتون ٻڌايو.

شاگردن کي ٻڌايو تہ هڪ سٺو ڪاروبار هلائڻ لاءِ ڪامياب ورڪر/ ڪم ڪندڙ جو هجڻ ضروري آهي. اهو ڪاروبار جي اخلاقيات ۽ معيارن کي نظر ۾ رکي ۽ ڪم ڪرڻ جي بنيادي اصولن جيئن ايمانداري، سچ ڳالهائڻ، ناڪامين کي منهن ڏيڻ، مسئلن جو حل، اصولن جي پاسداري، ذميواري قبول ڪرڻ ۽ تعاون ڪرڻ لاءِ هميشہ تيار هجي.

جيڪڏهن انهن اصولن تي عمل ڪندا تہ نہ صرف گراهڪن جو ان تي ڀروسو قائم ٿيندو ۽ منافعي ۾ بہ اضافو ٿيندو.

2. ڪهاڻي ٻڌائڻ:

خالده بلاڪ پرنٽ جو ڪم ڪندي آهي. ان کي پنجاهہ چادرين ٺاهڻ جو آرڊر مليو آهي. هن پنهنجي وسيلن کي نظر ۾ رکندي آرڊر ڏيڻ جي تاريخ ويهہ ڏينهن پوءِ جي ڏني آهي. خالده چاهي ٿي تہ ڪم سٺي نموني سان ٿئي تہ جيئن اهو سلسلو هلندو رهي. هن بلاڪ پرنٽ لاءِ سٺا رنگ ۽ معياري ڪپڙو ڪراچيءَ مان گهرائڻ جو فيصلو ڪيو.
خالده وٽ جيڪو سامان موجود هو ان هن سان ڪم شروع ڪيو. هوءَ پندرهن چادرون ٺاهي چڪي هئي پر اوچتو برسات شروع ٿي وئي ۽ مواصلات جو نظام بہ خراب ٿي ويو. خالده ڏاڍي پريشان هئي تہ جيڪڏهن سامان وقت تي نہ مليو تہ هوءَ پنهنجو آرڊر وقت تي ڪيئن مڪمل ڪري سگهندي؟
هن کي اها خبر هئي تہ موسم تي ڪنهن جو ڪو اختيار ناهي هوءَ اهو سڀ ٺيڪ نٿي ڪري سگهي. هن ان مسئلي جو حل اهو سوچيو تہ پنهنجي گراهڪ کي فون ڪري سچي صورتحال ٻڌايان. هن فون ڪري سچي صورتحال ٻڌائي ۽ چيو تہ موجوده حالتن ۾ ڏنل وقت تي آرڊر مڪمل ڪرڻ ڏکيو آهي ان لاءِ هن کي وڌيڪ وقت لڳندو. خريدارن هن جي ڳالهہ سمجهي، هن کي وڌيڪ وقت ڏنو.
هاڻي شاگردن کان هيٺيان سوال ڪريو:

- جيڪڏهن توهان خالده جي جڳهہ تي هجو ها تہ ڇا ڪريو ها؟
- ڇا خالده گراهڪ کي سچ ٻڌائي سٺو ڪيو؟
- جيڪڏهن خالده گراهڪ کي سچ نہ ٻڌائي ها تہ مقرر تاريخ تي ڇا ٿئي ها؟
- هن صورتحال ۾ ٻيو ڇا ٿي سگهي پيو؟

## سرگرمي 2: ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق

اچو ته لفظ ’گراهڪ ۽ خريدار‘ سکون.

- شاگردن کان پڇو ته ’گراهڪ ۽ خريداريءَ‘ ۾ ڪُل ڪيترا آواز آهن؟
- هاڻي پڇو ته لفظن ’گراهڪ يا خريدار‘ ۾ ڪهڙا آواز آهن؟
- ان کان پوءِ پڇو ته لفظ ’گراهڪ‘ ۾ پهرين آواز ڪهڙو آهي؟ /گ/
- ان کان پوءِ ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟ /ر/
- هاڻي شاگردن کان ٽيون آواز پڇو؟ /ا/
- چوٿون آواز ڪهڙو آهي؟ شاگرد ٻڌائيندا /ه/
- ’گراهڪ‘ ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /ڪ/
- هتي استاد پڇي ته اسان ’گراهڪ‘ لفظ ۾ اينڊڙ ڪيترا آواز پهرين سکي آيا آهيون
- هاڻي ’۽‘ ۾ ڪيترا آواز آهن؟
- پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /اَ/
- ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟ /اِ/

ان کان پوءِ استاد لفظ ’خريداري‘ جا آواز پڇي.

- ’خريداري‘ لفظ ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /خ/
- ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟ /ر/
- ٽيون آواز ڪهڙو آهي؟ /اي/
- ان کان پوءِ اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /د/
- ان کان اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /ا/
- ’خريدار‘ لفظ ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /ر/

آخر ۾ استاد لفظ ’گراهڪ ۽ خريدار‘ لکي ڏيکاري ۽ ان جي مشق ڪرائي.

سرگرمي 3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق:

جڏهن شاگرد 'گراهڪ ۽ خريداري' جي آوازن جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انهن کي ٻڌايو ته اسان 'گراهڪ ۽ خريداري' لفظ لکڻ سکنداسين.

- شاگردن کان 'گراهڪ' جي پهرين آواز پڇو ۽ گذريل پڙهايل سبق ۾ لفظ 'ڏِگي' ۾ /گ/ جي آواز ياد ڪرائي بورڊ تي لکرايو ۽ لکڻ کان پوءِ ان جا نقطا ڍاهي ٻڌايو ته هي (گ) جي شڪل آهي.

گ

هتي شاگردن کي 'گ' جي باقي شڪلين بابت به ٻڌايو ۽ لکي ڏيکاريو.

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
|---|---|---|---|
| گـ | ـگـ | ـگ | گ |

گراهڪ لفظ جا باقي آواز شاگرد گذريل پڙهايل سبقن ۾ پڙهي آيا آهن. هڪ هڪ آواز پڇي ياد ڪرايو ته هي ڪهڙي لفظ ۾ آيو هو ۽ پوءِ شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

جيڪڏهن ياد نه اچي ته انهن جي رهنمائي ڪريو.

گـ ـرا ـهـ ـڪ

الڳ الڳ لکرائي پوءِ ملائي لکي ڏيکاريو.

ان کان پوءِ ۽ لاءِ 'گهڙيال' لفظ مان 'يا' لکرايو.

ان کان پوءِ لفظ 'خريدا' ۾ پهريون آواز /خ/ پڇو. /خ/ لاءِ شاگردن 'خ' جي شڪل جو فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ج ۽ خ ۾ نقطن جي فرق کي واضح ڪري ٻڌايو.

خـ

هتي شاگردن کي ’خ‘ جون باقي شڪليون ٺاهي ڏيکاريو

| مڪمل شڪل | آخري شڪل | وچين شڪل | شروع واري شڪل |
|---|---|---|---|
| خ | ـخ | ـخـ | خـ |

- اڳيون آواز (ر) ڳلريل پڙهايل سبقن جو ورجاءُ ڪرائي شاگردن کان بورڊ تي لکرايو

ر

- هاڻي اڳيون آواز /اي/ پڇو ۽ اهو ٻه ڀيرا پڙهي آيا آهن. ورجاءُ ڪرائي بورڊ تي لکرايو.

يـ

- اڳيون آواز ’د‘ ٻه شاگرد لفظ ’منڊون‘ ۾ سکي آيا آهن. ورجاءُ ڪرائي شاگردن کان ئي بورڊ تي لکرايو.

ـد

- ان کان اڳئين آواز /ا/ جي آخري ۽ مڪمل شڪل ٻه شاگرد سکي آيا آهن. ورجاءُ ڪرائي انهن کان بورڊ تي لکرايو.
- ان کان پوءِ اڳيون آواز /ر/ خريداري ۽ گراهڪ لفظن ۾ ٻه سکيا آهن ۽ ان جي مڪمل شڪل ڀيرين ۽ ڳلريل پڙهايل سبق ’عورت ۽ بازار‘ ۾ سکي آيا آهن. ورجاءُ ڪرائي بورڊ تي لکرايو.

ان کان پوءِ آخري آواز /اِي/ لفظ ’ڪرنسي‘ ۾ سکي آيا آهن ان جو ورجاءُ ڪرايو.
استاد شاگردن جي مدد سان لفظ ’گراهڪ ۽ خريداري‘ بورڊ تي ملائي لکرائي ۽ مشق ڪرائي.

سرگرمي 4: نوان لفظ ڳولهڻ

- شاگردن کي لفظ ”گراهڪ ۽ خريداري“ جي اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ انهن مان نوان لفظ ڳولهڻ لاءِ چئو. شاگردن جي بامعنيٰ لفظ ڳولهڻ ۾ انهن جي مدد ڪريو.
- ان کان پوءِ شاگردن کي اڳ پڙهايل سيني لفظن جي اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ وڌيڪ نوان لفظ لکڻ لاءِ چئو. 20 منٽن کان پوءِ پڇو ته توهان مان ڪنهن وڌيڪ نوان لفظ ڳوليا آهن. شاگردن جي حوصلا افزائي ڪريو ۽ پوءِ ڪتاب مان نوان لفظ لکرايو.

نوان لفظ:

مخمل، خالي، ريشمي، خاڪو، خبر، اخبار، پُختو، وِڪرو، ورڪر، واندڪائي، آمدني، پئسو، ڪاروبار، ڪاريگر، دڪان، رنگ، بيگ، ڳن ڳاهه، گرمي، خرچو.

جملا:

شاگردن کان جملا لکرائڻ جي مشق ڪرايو.

دروازو بند ڪر.

مال کي ڳاهه ڏي.

ڪڪڙين جو داڻو آڻي ڏي.

سرگرمي 5: جائزو:

- شاگردن کان پڙهايل ۾ ۽ نه اکري لفظن جي صورتخطي ڪرايو جيئن خرچ، دوا، وڻ، پن، نڪ.
- ڪتاب ۾ صفحو نمبر 37 ۽ 40 تي ڏنل ورڪ شيٽ ڪرايو.
- پنهنجي ڪم ۾ توهان پنهنجي رويي کي ڪيئن بهتر ڪري سگهو ٿا.

سبق نائون

## هڪيئي تي پروسو ڪرڻ

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- ’هڪيئي تي پروسو ڪرڻ‘ ۾ ڏنل آوازن کي پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- الف - ب جي آواز جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- اکرن جي مدد سان نوان لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهندا.
- لفظن جو جوڙ توڙ ڪري سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو درسي ڪتاب، بورڊ، ’هڪ ٻئي تي پروسو ڪرڻ‘ ۾ ايندڙ آوازن جي اکرن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

1. تصوير ڏسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:

شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جو آغاز ڪريو ۽ هيٺيان سوال پڇو.

- تصوير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟
- اسان ڪهڙا ڪم گڏجي ڪري سگهون ٿا؟
- گڏجي ڪم ڪرڻ جا ڪهڙا فائدا هوندا آهن؟

شاگردن کان پھرين لفظ ’ٻڌي‘ ۾ ڪھڙا آواز آھن؟ ان بابت پڇو.

- ’ٻڌي‘ لفظ ۾ پھريون آواز ڪھڙو آھي؟ /ٻ/
- ٻيو آواز ڪھڙو آھي؟ /ڌ/
- اڳيون آواز ڪھڙو آھي؟ /اي/

ھاڻي ’پروسو‘ ۾ مليل آوازن بابت پڇو.

- لفظ ’پروسو‘ ۾ پھريون آواز ڪھڙو آھي؟ /پ/
- ٻيو آواز ڪھڙو آھي؟ /ر/
- ان کان پوءِ اڳيون آواز ڪھڙو آھي؟ /او/
- ان کان پوءِ ڪھڙو آواز اچي ٿو؟ /س/
- لفظ ’پروسو‘ ۾ آخري آواز ڪھڙو آھي؟ /او/

ھتي استاد لفظن ’ھڪ ٻڌي تي پروسو ڪرڻ‘ مان پڇي ته انھن مان ڪھڙا آواز اسان پھرين سکي آيا آھيون؟

آخر ۾ استاد شاگردن کان لفظن ’ٻڌي ۽ پروسو‘ جي آوازن جي مشق ڪرائي.

سرگرمي 3: پڙھڻ ۽ لکڻ جي مشق:

جڏھن شاگرد ’ھڪ ٻڌي تي پروسو ڪرڻ‘ جي آوازن جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انھن کي ٻڌايو ته اسان ’ھڪ ٻڌي تي پروسو ڪرڻ‘ لکڻ سکنداسين. ھتي جيڪي آوازون شاگرد پھرين سکي آيا آھن. انھن جو ورجاءُ ڪرائي انھن کان ئي بورڊ تي لکرايو.

لفظ ’ھڪ‘ جا ٻئي آواز شاگرد سکي آيا آھن. لفظن ’ھمت‘ ۽ ڪرنسيءَ مان ’ھ‘ ۽ ’ڪ‘ جي شڪل ياد ڪرائي شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

ان کان پوءِ لفظ ’ٻڌي‘ ۾ پھريون آواز پڇو ۽ پوءِ /ٻ/ جو آواز لکرايو. ان جي ھيٺان ھڪ ٻيو نقطو لڳائي ٻڌايو ته ھي ’ٻ‘ جي شڪل آھي.

ٻ

هتي شاگردن کي 'ٻ' جون باقي شڪليون ٻہ لکي ڏيکاريو.

| مڪمل آشڪل | آخري شڪل | وچين شڪل | شروع واري شڪل |
|---|---|---|---|
| ٻ | ـٻ | ـٻـ | ٻـ |

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو (ء) ان لاءِ استاد بورڊ تي لکي ڏيکاري.

ـئـ

ان کان پوءِ آخري آواز (اي) پڇي ۽ شاگردن کان ورجاءُ ڪرائي لکرائي.

ـي

هاڻي 'ت' ٻہ شاگردن کان پڙهيل لفظن 'همت، عورت ۽ ٻچت' مان ياد ڪرائي ان جي پهرين شڪل لکرائي ۽ پوءِ (اي) گڏ لکرائي.

تي

ان کان پوءِ شاگرد کان لفظ 'پروسو' ۾ پهريون آواز پڇي /پ/ ۽ 'ب' يا 'ٻ' جي شروع واري شڪل بورڊ تي لکرائي ان جا چار نقطا ڏاهي ٻڌائي تہ هي 'پ' جي شڪل آهي.

پـ

هتي 'پ' جون باقي شڪليون ٻہ لکي ڏيکاري

| مڪمل شڪل | آخري شڪل | وچين شڪل | شروع واري شڪل |
|---|---|---|---|
| پ | ـپ | ـپـ | پـ |

سبق ڏهون

## سلائي مشين

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- لفظ 'سلائي مشين' ۾ ڏنل آوازن کي پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- الف - ب جي آوازن کي ڀڃي سيڄاڻي سگهندا.
- اکر لفظ ۽ جملا لکي سگهندا.
- اکر جي صوتين کي ملائي لفظ ادا ڪري سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جا ڪتاب، بورڊ، لفظ 'سلائي مشين' ۾ ايندڙ آوازن جي اکرن جا فليش ڪارڊ.

**ذهني آمادگي:**

- تصوير ڏسي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:
  شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪريو. شاگرد سکڻ سان گڏ مشين بابت به آگاهي حاصل ڪري سگهندا.

(i) تصوير ۾ سڀ ڇا ڪري رهيون آهن؟

(ii) توهان کي ڇا لڳي ٿو ته هي سڀ هڪ ٿي ڪم جو حصو آهن يا ڌار ڌار آهن؟

(iii) جيڪا عورت سلائي مشين جي سامهون ويٺل آهي اها توهان کي ڪير لڳي ٿي؟ (ٽيم ليڊر)

(iv) جيڪڏهن هي عورت سڀ ڪم اڪيلي سِر ڪري ته ان کي ڪيترو وقت لڳندو؟

(v) جيڪڏهن هيءَ سڀ گڏجي ٽيم جي صورت ۾ ڪم ڪنديون ته ڪيترو وقت لڳندو؟

(vi) مشينون اسان جي ڪم کي ڪيئن آسان بڻائن ٿيون ۽ ڪهڙي ڪهڙي مشين جي استعمال سان اسان پنهنجو ڪم آسان بڻائي سگهون ٿا؟

(vii) ڪم ورهائڻ وقت ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟

(viii) جيڪڏهن ڪو ميمبر پنهنجو ڪم وقت تي مڪمل نه ڪري سگهي ته ڇا ٿيندو؟

شاگردن کي ٻڌايو ته ٽيم ۾ ڪم ڪرڻ، اڪيلي سِر ڪم ڪرڻ کان بهتر آهي. اهڙي طرح ذميواري ورهائجي ويندي آهي ۽ ڪم به گهٽ ٿي ويندو آهي. ذميواري ورهائڻ وقت ٽيم ليڊر کي ٽيم ميمبرن جي قابليت جو خيال رکڻ گهرجي. جيڪو ٽيم ميمبر جنهن ڪم ۾ بهتر هجي ان کي اهوئي ڪم ڏيڻ گهرجي ته جيئن ڪم جو معيار بهتر ٿئي.

## ڪيس اسٽڊي:

آمنه پرت پرڻ جو ڪم ڪندي آهي. ان کي هڪ وڏو آرڊر ملي پيو. هوءَ اهو آرڊر وٺي ٿي. ان ڪري جو هن جي پاڙي ۾ عورتون اهو ڪم ڪنديون آهن. هن گهر اچي عورتن کي پنهنجي گهر سڏائي هر عورت کي پنج پنج ڪپڙن جا جوڙا ٺاهڻ جي ذميواري ڏني. هوءَ خوش هئي ته هن جو ڪم مڪمل ٿي ويندو ۽ منافعو به ملندو.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ عورتون آمنه جي گهر گڏ ٿيون ۽ پنهنجو ڪم ڏيکاريو. آمنه اهو ڏسي پريشان ٿي ته ڪنهن جي سلائي سٺي هئي ته ڪنهن شيشا سٺي نموني لڳايا هئا ته ڪنهن جو وري مٽيريل/ سامان سٺو لڳل هو ۽ باقي شيون دُرست نه هيون. آمنه کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو.

هاڻي شاگردن کان هيٺيان سوال پڇو.

- آمنه ڪهڙي غلطي ڪئي؟
- آمنه کي ذميواريون ورهائڻ کان پهرين ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي ها؟
- هڪ سٺي ٽيم ليڊر يا اڳواڻ جو ڪهڙيون ذميواريون هونديون آهن؟

### تجرباتي سرگرمي:

شاگردن کي ٽن ٽيمن ۾ ورهايو. هر ٽيم کي هڪ ڪم ڏيو جيئن:

ٽيم اي - شال ٺاهڻ جو ڪم

ٽيم بي - مٽيريل/ سامان وٺڻ

ٽيم سي - شيشا لڳائڻ

هاڻي هر ٽيم کي چئو ته پنهنجو هڪ ليڊر چونڊيو. ان کان پوءِ ٽيم کي هدايتون ڏيو.

- هر ٽيم ميمبر پنهنجي خصوصيت ٻڌائي. مثال طور منهنجي سلائي سٺي آهي. مان پرت سٺو ڪندي آهيان. مون کي مٽيريل جي سڃاڻپ آهي وغيره. ٽيم ميمبر کي ڪم ڪرڻ جا اصول ٻڌايو. جيئن وقت تي ڪم ڪرڻ، تعاون ڪرڻ، هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ، برداشت ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ هر وقت رابطي ۾ رهڻ وغيره.
- ڪم جي نوعيت ڏسي ڪمن جي لسٽ ٺاهيو.
- ڪم مڪمل ڪرڻ جي تاريخ مقرر ڪئي وڃي جيڪا آرڊر مڪمل ڪرڻ جي تاريخ کان ڪجهه ڏينهن الڳ هجي.
- ڪم جي رفتار ۽ معيار جاچڻ لاءِ مقرر وقت کان پهرين هڪ ميٽنگ رکي وڃي. هن سرگرمي جي مشق سٺي طرح ڪرايو ته جيئن شاگردن کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ۾ ان سان مدد ملي.

### سرگرمي 2: ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق:

اڄ تہ لفظ ’سلائي مشين‘ سکون ٿا.

- شاگردن کان پڇو ته لفظ ’سلائي مشين‘ ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن؟
- شاگردن کان پڇو ته لفظ ’سلائي مشين‘ ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /س/
- ان کان پوءِ پڇو ته ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟ /ل/
- ان کان پوءِ اڳيون آوز ڪهڙو آهي /ا/
- هاڻي پڇو ته اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /ئ/

- ’سلائي‘ لفظ ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /اي/

هاڻي اهڙي طرح ’مشين‘ لفظ جي آوازن لاءِ پڇو.

- ’مشين‘ ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /م/
- ان کان پوءِ ڪهڙو آواز آهي؟ /ش/
- هاڻي اڳيون آواز ڪهڙو آهي؟ /اي/
- ۽ آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /ن/

آخر ۾ استاد شاگردن کان ’سلائي مشين‘ جي آوازن جي مشق ڪرائي.

سرگرمي3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق:

جڏهن شاگرد ’سلائي مشين‘ جي آواز جي مشق ڪري وٺن ته پوءِ انهن کي ٻڌايو ته اسان لفظ ’سلائي مشين‘ لکڻ سکنداسين.

جيڪي آواز شاگرد پهرين سکي آيا آهن انهن جو ورجاءُ ڪرايو ۽ شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

- شاگردن کان پڇو ته ’سلائي‘ لفظ ۾ ڪهڙا آواز اسان پهرين سکي آيا آهيون.

ان کان پوءِ لفظ ’سال‘ ۾ (س) جي ياد ڪرائيندي شاگردن کان بورڊ تي لکرايو.

ســ

ان کان پوءِ لفظ ’ڪئلينڊر ۽ گهڙيال‘ مان /ل/ جو آواز ياد ڪرائيندي ’ل‘ جي مڪمل شڪل لکرايو.

ان کان پوءِ اڳيون آواز پڇو ۽ /ا/ لاءِ کي /ل/ جي پرسان لکرايو ۽ پوءِ استاد ٻڌائي ته جڏهن ’ل ۽ ا‘ گڏجي ايندا آهن ته ان جي شڪل هيٺين ريت لکبي آهي.

ــلا

ان کان پوءِ اڳيون آواز ’ئي‘ ٻه شاگرد اڳ پڙهايل سبق ۾ سکي آيا آهن. انهن کي ياد ڪرائي لکرايو.

ئـ

ئي

هاڻي استاد ’سلائي‘ لفظ ملائي لکي ڏيکاري. ان کان پوءِ ’مشين‘ جو پهريون آواز پڇي ۽ پوءِ پڇي ته اهو آواز ان کان پهرين ڪهڙي لفظ ۾ آيو آهي. شاگردن کي لفظن ’همت ۽ مندون‘ ۾ ياد ڪرائيندي بورڊ تي لکرايو.

م

ان کان پوءِ اڳيون آواز ڪيرايو. /ش/ ان لاءِ لفظ ’سال ۽ سلائي‘ مان ’س‘ جو آواز بورڊ تي لکرايو ۽ ٻڌايو ته ان جي مٿان ٽي نقطا لڳائبا ته (ش) جي شڪل ٺهندي.

شـ

هتي ’ش‘ جو باقي شڪليون ٻه لکي ڏيکاري.

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
| --- | --- | --- | --- |
| شـ | ـشـ | ـش | ش |

ان کان پوءِ اڳيان ٻئي آواز شاگرد پهرين سکي آيا آهن ان لاءِ آواز اخذ ڪرائي ۽ پوءِ پڇو ته اهي آواز ڪهڙي لفظ ۾ پڙهي آيا آهن؟

ورجاءُ لاءِ انهن جون باقي شڪليون ٻه شاگردن کان لکرايو. جتي ضرورت هجي ته رهنمائي ڪريو ۽ همٿايو.

آخر ۾ استاد لفظ ’مشين‘ لکي ڏيکاري ۽ پوءِ ’سلائي مشين‘ لکرائي ۽ ڪتاب جي لکڻ واري مشق ڪرائي.

سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ

- شاگردن کي 'سلائي مشين' جي اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ انهن مان نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو. شاگردن جي بامعنیٰ لفظ ٺاهڻ ۾ انهن جي مدد ڪريو.
- ان ڪان پوءِ شاگرد ان کي گروپس ۾ ورهايو ۽ پويان پڙهايل سبقن اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ وڌيڪ نوان لفظ لکڻ لاءِ چئو. 20 منٽن کانپوءِ پڇو تہ ڪهڙي گروپ وڌيڪ نوان لفظ ٺاهيا آهن. جيڪو گروپ وڌيڪ لفظ ٺاهي انهن لاءِ تاڙيون وڄرايو ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪريو. آخر ۾ استاد ڪتاب ۾ ڏنل لفظ پڙهائي ۽ بورڊ تي لکرائي.

نوان لفظ :

شال، خيرات، شادي، شوال، گوشت، ڪشمش، ڪشش، قيمت، شاندار، پيشو شيشو خرچي، شيون، ڀڪريون، ادائيگي، ڀوڳ ماني، ڏهاڙي، پيشگي، ادائگي.

استاد انهن مان ڪجهه جملا ٺاهڻ لاءِ ڏئي، هاڻي شاگرد پاڻ جملا ٺاهڻ سکي آيا آهن.

- شاتو هڪ شاندار شال ٺاهي.
- هن ان تي شيشي جو ڪم ڪيو.
- هن اها شازيہ جي شاديءَ ۾ پائڻ لاءِ رکي.

سرگرمي 5: جائزو:

- ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي ڪرايو.
- 'ش' جي شروع واري ۽ مڪمل شڪل لکرايو.
- ٽيم ۾ ڪم ڪرڻ جا بہ بنيادي اصول پڇو.

سبق يارهون

## اختلاف ۽ جهيڙو

### مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- لفظ 'جهيڙو' ۾ ڏنل آوازن کي پڙهڻ، لکڻ سگهندا.
- آوازن ذريعي اکرن ۽ لفظن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- سِکيل آوازن سان نوان لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهندا.

### سکيا لاءِ مددگار شيون:

شاگردن جو درسي ڪتاب، بورڊ، لفظ 'جهيڙو ۽ اختلاف' ۾ ايندڙ آوازن جا فليش ڪارڊ.

### ذهني آمادگي:

i. تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جو آغاز ڪرڻ:

ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري شاگردن کان هيٺ ڏنل سوالن جي ذريعي ڳالهه ٻولهه جو آغاز ڪيو.

- پهرين تصوير ۾ عورت پريشان ڇو نظر اچي رهي آهي؟
- جيڪڏهن سڀ هڪ ٽيم جا حصا آهن ته اُهي هڪ ٻئي سان وڙهي ڇو رهيون آهن؟
- جيڪڏهن ٽيم ميمبر پاڻ ۾ ائين وڙهندا رهندا ته ڇا ٿيندو؟
- ان صورتحال ۾ ٽيم ليڊر کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ii. ڪهاڻي ٻڌائڻ:

مٿي ڏنل سوالن کان پوءِ شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي مناسب لهجي سان ٻڌايو:

ساجده هڪ ٽيم جي گروپ ليڊر هئي. هوءَ 8 سالن کان ڪم ڪري رهي هئي. شروع ۾ هُن جو گروپ صحيح پيو هليو پر اڄڪلهه هو گروپ ۾ ٿيندڙ جهيڙن جي

ڪري پريشان آهي. اُن کي هڪ ڊزائينر کان 10 هڪجهڙي ڊيزائن ۽ رنگن ۾ وِهاڻن جا ڪَوَرَ ٺاهڻ جو آرڊر مليو. جڏهن هوءَ گروپ ميمبرز کي آرڊر ٺاهڻ لاءِ چوي ٿي ته انهن مان ٻه ميمبر ٺاهڻ کان منع ڪري ڇڏينديون آهن ۽ هڪ ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿيندي پر ڪم وقت تي نه ڪندي. باقي ٻين ميمبرز الگ الگ مٽيريل وٺي جڏهن ساجده کي ڪيل ڪم گڏ ڪري ڏيکاريو ته اُهو رنگ، سائيز ۽ ڊيزائين ۾ مختلف هو. هر ميمبر پنهنجو اُجورو به گُهريو. هُن جڏهن اها ڳالهه ڊيزائينر کي ٻڌائي ته ڊزائينر ناراض ٿي ويو.

هاڻي شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پڇو:

- ٽيم / گروپ ۾ جهيڙي جو ڪهڙو نقصان ٿيندو آهي ؟
- ٽيم / گروپ ۾ جهيڙي جون اڪثر ڪهڙا ڪارڻ هوندا آهن ؟

سرگرمي 2: ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق

اڄ ته اسان هاڻي لفظ 'اختلاف ۽ جهيڙو' کي سکون ٿا.

- شاگردن کان پڇو ته لفظ 'اختلاف ۽ جهيڙو' ۾ ڪُل ڪيترا آواز آهن؟
- لفظ 'اختلاف' ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي /ا/ ٻيو آواز ڪهڙو آهي /خ/ لفظ 'اختلاف' ۾ ٽيون آواز ڪهڙو آهي /ت/ چوٿون آواز ڪهڙو آهي /ل/ پنجون آواز ڪهڙو آهي /ا/ لفظ اختلاف ۾ آخري آواز ڪهڙو آهي /ف/
- شاگردن کان پڇو ته لفظ 'جهيڙو' ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي ؟ /جهه/
- پڇو ته ٻيو آواز ڪهڙو آهي ؟ /اي/
- ٽيون آواز ڪهڙو آهي ؟ /ڙ/
- هاڻي پڇو ته آخري آواز ڪهڙو آهي ؟ /و/
- هاڻي استاد پُڇي ته لفظ 'جهيڙو' جي آوازن مان ڪيترا آواز اسان پهريان پڙهي چُڪا آهيون ؟
- آخر ۾ استاد شاگردن سان گڏجي لفظ 'جهيڙو' جي آوازن کي ورجائي.

**سرگرمي 3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق**

جڏهن سڀ شاگرد آوازن جي مشق ڪري وٺن ته انهن کي ٻڌايو ته اسان هاڻي لفظ 'جهيڙو' ۾ ايندڙ آوازن کي لکڻ سکنداسين. ان ڪري سڀ شاگرد بورڊ ڏانهن نهارين. شاگردن کي ٻڌايو ته اڄ اسان لفظ 'جهيڙو' لکڻ ۽ پڙهڻ سکنداسين.

- پهريون آواز 'جهه' پڇو ۽ ٻڌايو ته وسرڳ آواز آهي پوءِ بورڊ تي لکي ڏيکاريو ته جهڙي طرح اسين 'ج' لکڻ شروع ڪندا آهيون. ساڳي طرح 'ج' جي شروعاتي شڪل لکي هيٺين طرف سنئو ۽ مٿين طرف اُبتو اکر 'د' لڳائبو ته 'جهه' جي شڪل ٺهي ويندي. شاگردن کان پڇو ته هن ڪان اڳ توهان هن سان ملندڙ جُلندڙ ڪهڙي شڪل لکي چڪا آهيو؟

جهـ

| آخري شڪل | وچين شڪل | شروع واري شڪل |
|---|---|---|
| ـجهه | ـجهـ | جهـ |

- هاڻي 'ي' پڇي ڪري 'جهه' سان ملايو.

جهـيـ

- هاڻي اڳيون آواز پڇو. شاگرد 'ڙ' ٻڌائيندا. ڪنهن هڪڙي شاگرد کي چئو ته هو 'يـ' سان 'ڙ' ملائي لکي ۽ مٿان چار نقطا لڳايو.

جهـيـڙ

| آخري شڪل | مڪمل شڪل |
|---|---|
| ـڙ | ڙ |

- هاڻي آخري آواز 'او' پڇي بورڊ تي لکرايو.

## ’جهيڙو‘

شاگردن کي چئو تہ هاڻي هو پنهنجي ڪتاب تي لفظ ’جهيڙو‘ لکڻ جي مشق ڪن.

### سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ

جڏهن شاگرد لفظ ’جهيڙو‘ جي سيني شڪلين لکڻ جي تمام گهڻي مشق ڪري وٺن تہ انهن جي سامهون فليش ڪارڊ رکو ۽ ڪارڊن کي اگٽي پوئتي ڪري يا ڪو بہ ڪارڊ ڪڍي شاگردن کي چئو تہ هو انهن شڪلين کي ملائي ڪري پڙهڻ جي ڪوشش ڪن. هتي شاگردن جي رهنمائي ڪريو ۽ بامعنیٰ لفظ ٺهرائڻ ۾ رهنمائي ڪريو.

### سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ

- شاگردن کي لفظ ’اختلاف ۽ جهيڙو‘ جي اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ انهن مان نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ چئو. شاگردن جي بامعنیٰ لفظ ٺاهڻ ۾ انهن جي رهنمائي ڪريو.
- ان کان پوءِ شاگردن کي گروپس ۾ ويهاريو ۽ پوءِ پڙهايل سيني اکرن جا فليش ڪارڊ ڏيو ۽ وڌيڪ نوان لفظ لکڻ لاءِ چئو. 20 منٽن کان پوءِ پڇو تہ ڪهڙي گروپ وڌيڪ لفظ ٺاهيا آهن. جيڪو گروپ وڌيڪ لفظ ٺاهي انهن لاءِ تاڙيون وڄرايو. آخر ۾ استاد ڪتاب ۾ ڏنل لفظ پڙهائي ۽ بورڊ تي لکرائي.
- آوازن جي ترتيب بدلائڻ سان ٺهڻ وارا نوان لفظ هي هوندا.
- شاگرد نوان ٺهندڙ لفظ پنهنجي ڪتابن تي لکندا.

**نوان لفظ:**

جُهڙ، جهنگ، جهرڪي، جهولي، جهالر، جهومر، هفتو، هدف، رهائش، جهنڊيو، وکرو، منصوبا، ڪرايو، تفصيل، پاڇيون، بيسڻ، مکڻ.

**پيراگراف:**

ٻار ٻنيءَ ۾ جهولا جهولي رهيا هئا ۽ هو پاڻ ۾ وڙهيا. جهيڙي ۾ احمد جي مٿي تي پٿر لڳو ۽ رت وهي رهيو هو. ماسي نوران تُرت هِن کي اسپتال وٺي وئي.

- شاگردن کان پيراگراف پڙهائڻ جي مشق ڪرايو.

### استاد لاءِ نوٽ:

شاگردن کان پڇو ته لکڻ جي لحاظ کان ’ڙ‘ سان ملندڙ جُلندڙ ڪهڙا ڪهڙا اکر آهن. شاگرد ’ر ڙ‘ ٻڌائيندا.

### سرگرمي 5: جائزو

- ٽيم ۾ جهيڙي جا ڪهڙا ڪهڙا سبب آهن؟
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.
- لفظ جهرڪي لکي ان جي مشق ڪرايو.

سبق ٻارهون

## صفائي نصف ايمان آهي

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- جملي ’صفائي نصف ايمان آهي‘ جي ذريعي لکڻ ۽ پڙهڻ سکندا.
- سکيل لفظن ۽ جملن ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف آوازن جي ترتيب بدلائي نوان لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهندا.
- ڪم جي معيار ۽ شين (پروڊڪٽ) جي قيمت ڪي نظر ۾ رکندي صفائيءَ جي اهميت ڄاڻي سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، جملي ۾ ايندڙ اکرن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

i. تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جو آغاز ڪرڻ

شاگردن کي ڪتاب تي ڏنل تصوير ڏسڻ لاءِ چئو ۽ هيٺ ڏنل سوال پڇي، ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪريو.

- ڪتاب تي ڪهڙو منظر نظر اچي رهيو آهي؟
- هن تصوير ۾ نظر اچڻ واري گندگيءَ جا اسان جي زندگيءَ تي ڪهڙا اثر پوندا آهن؟
- ڇا صحت سان گڏو گڏ گندگي اسان جي ڪم تي به اثرانداز ٿيندي آهي؟
- صفائي ستھرائيءَ جو اسان جي ڪم تي ڪهڙو اثر پوندو آهي؟
- جيڪڏهن صفائيءَ جو خيال نه رکيو وڃي ته اسان جي ڪم تي ڪهڙو اثر پوندو آهي؟

- هن تصوير مان ڪهڙيون ڪهڙيون شيون هٽائي ڇڏجن ته هي ماحول صاف سترو ٿي سگهي ٿو؟
- هن تصوير ۾ ڪهڙين ڪهڙين شين جو اضافو ڪجي ته ڪم ڪرڻ لاءِ اهو ماحول سازگار ٿي سگهي ٿو؟

ii. **ڪهاڻي ٻڌائڻ:**

حامد صاحب جو بازار ۾ پرٽ وارن ڪُڙتن/ پهراڻ جو دڪان آهي جيڪو تمام سٺو هلندو آهي. صبح جو هڪ گراهڪ ايندو آهي جنهن کي هڪ ڪُڙتو تمام گهڻو پسند ايندو آهي. پر اُنهيءَ ڪُڙتي تي داغ لڳل هوندو آهي. حامد صاحب گراهڪ کي تسلي ڏيندو آهي ته هي معمولي داغ آهي جيڪو ڌوئڻ سان لهي ويندو. گراهڪ اُهو ڪُڙتو خريد ڪندي آهي، پر ڌوئڻ سان انهيءَ جو داغ نه ٿو لهي. گراهڪ کي تمام گهڻي ڪاوڙ ايندي آهي ۽ هو اهو ڪُڙتو واپس ڪري ڇڏيندي آهي.

- شاگردن کي چئو ته اُهي گروپ ٺاهين ۽ هر گروپ پنهنجي سوچ مطابق اِهو رول پلي ڪري ته: اگر حامد صاحب جي جڳهه تي هو پاڻ هجن ها ته اهڙي صورتحال ۾ ڇا ڪن ها؟

## عملي ڪم/تجرباتي سرگرمي:

شاگردن کي چئو ته اهڙا سبب ٻڌائين جن جي ڪري پروڊڪٽ / شيون خراب ٿي وينديون آهن. هڪ گروپ سبب ٻڌائي ۽ ٻيو گروپ حل ٻڌائي ته ڪهڙين تدبيرن تي عمل ڪندي شين کي خراب ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو.

- انهي سرگرميءَ ۾ شاگردن جي رهنمائي ڪريو ته اهي پنهنجي صفائيءَ جو خاص خيال رکندي شين جي حفاظت ڪري سگهن ٿا.

سبب:

iii. خاص طور تي هٿ ڌوئڻ:

- واش روم ۾ غسل خانو استعمال ڪرڻ کان پوءِ.
- گهر جي صفائيءَ کان پوءِ.
- جانورن کي چارو ڏيڻ کان پوءِ.
- ڪاڌو کائڻ کان پهرين ۽ پوءِ.
- ڪاڌو تيار ڪرڻ کان پهرين ۽ پوءِ.

حل:

- ڪم جو سلمان/ متيريل ٻارن جي پهچ کان پري رکو.
- متيريل کي کائڻ پيئڻ جي شين کان پري رکو.
- ڪم ڪرڻ لاءِ الڳ جاءِ مقرر ڪريو.

سرگرمي 2: پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق

شاگردن کي ٻڌايو ته اڄ اسان جملو 'صفائي نصف ايمان آهي' پڙهڻ سکنداسين. شاگردن کي جملو 'صفائي نصف ايمان آهي' پڙهي ٻڌايو.

- هاڻي پڇو ته لفظ 'صفائيءَ' ۾ ڪُل ڪيترا آواز آهن؟
- شاگردن کان پڇو ته لفظ 'صفائيءَ' ۾ ڪهڙا ڪهڙا آواز آهن؟
- شاگردن کان پڇو ته لفظ 'صفائيءَ' ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ /ص/
- پڇو ٻيو آواز ڪهڙو آهي؟ /ف/
- ٽيون آواز ڪهڙو آهي؟ شاگرد ٻڌائين. /ا/
- چوٿون آواز ڪهڙو آهي؟ /ئ/
- پڇو ته آخري آواز ڪهڙو آهي؟ /اي/
- هتي استاد پڇي ته لفظ 'صفائي' جي آوازن مان اسان پهريان ڪيترا آواز پڙهي چڪا آهيون؟
- آخر ۾ استاد شاگردن سان گڏجي جملي ۾ اچڻ وارن لفظن 'صفائي نصف ايمان آهي' جا سيئي آواز شاگردن کان پڇي ۽ جملي کي رواني سان پڙهڻ سيکاري.

سرگرمي 3: پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشق

- جڏهن سڀ شاگرد آوازن جي مشق ڪري وٺن ته انهن کي ٻڌايو ته اسان 'صفائي نصف ايمان آهي' ۾ ايندڙ آواز لکڻ سکنداسين.
- شاگردن کي ٻڌايو ته اڄ اسان لفظ کي پڙهڻ لکڻ بدران جملن جي ذريعي سکنداسين.
- انهن مان ڪيترائي آواز توهان پهريان ئي ڄاڻو ٿا ۽ ڪجهه آواز توهان لاءِ نوان آهن. تنهنڪري سڀ شاگرد بورڊ ڏانهن غور سان نهارين. شاگردن کي ٻڌايو ته اڄ لفظ 'صفائي نصف ايمان آهي' لکڻ ۽ پڙهڻ سکنداسين.
- پهريون آواز 'ص' اُن جو اُچار ڪيرايو. شاگردن کي واضح ڪريو ته اهو آواز 'ص'، 'س' جو به هوندو آهي، پر هتي 'ص' ايندو. شاگردن کي ٻڌايو ته جيئن اسان پهريان 'جهه' ۾ لکيو هو ساڳئي طرح 'ص' جي گولائي ناهي آهي. چڱيءَ طرح سان واضح ڪري لکرايو. 'صـ'

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
|---|---|---|---|
| صـ | ـصـ | ـص | ص |

- هاڻي 'ف' جو آواز پڇو ۽ ڪنهن هڪڙي شاگرد کي چئو ته بورڊ تي نقطن وارو 'ق' لکي توهان 'ق' تان هڪ نقطو ڊاهي ڇڏيو ۽ ٻڌايو ته هي 'ف' آهي.

صـفـ

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
|---|---|---|---|
| فـ | ـفـ | ـف | ف |

- هاڻي 'ا' جو آواز پڇي بورڊ تي لکرايو.

صـفـا

- جيڪڏهن آواز ’اِي‘ پڇجو ۽ وڌيڪ ته جيڪڏهن ڪ ’الف‘ گڏ اچن ته اڳئين الف جي جاءِ تي اسان ڇا لڳائيندا آهيون؟

شاگردن کي ٻڌايو ته هڪ الف جي جاءِ تي اسان ’ء‘ لڳائيندا آهيون. ’ء‘ ۽ ’ي‘ جا آواز پڇي بورڊ تي لکرايو.

## ’صفائي‘

- جملي ۾ ايندڙ اڳيان سيئي آواز شاگرد سکي چڪا آهن. هڪ هڪ ڪري سڀ آواز پڇو ۽ جملا لکرايو.

سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ

- جڏهن شاگردن کي جملي ’صفائي نصف ايمان آهي‘ جي سيني شڪلين لکڻ جي چڱي مشق ٿي وڃي ته انهن جي سامهون فليش ڪارڊ رکو ۽ ڪارڊ اڳتي پوئتي ڪري يا ڪارڊ ڪيي شاگردن کي چئو ته هو انهن شڪلين کي ملائي نوان لفظ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪن. اتي شاگردن جي رهنمائي ڪريو ۽ بامعنيٰ لفظ ٺاهڻ ۾ انهن جي مدد ڪريو.
- آوازن جي ترتيب بدلائڻ سان ٺهندڙ نوان لفظ ۽ جملا ڪجهه هن طرح ٿيندا.

نوان لفظ ۽ جملا:

صاف، فون، صوف، فانوس، فاصلو سفر مختصر فرمان، فڪر، فيبروري، فاني، فريم، فراڪ، فارم، موتي.

جملا: اسڪول کي صاف رکو.

فون تي ڳالهايو.

ڪمر صفائي سان ڪريو.

ڪپڙا ميرا نه ڪر.

- شاگرد نوان ٺهندڙ لفظ ۽ جملا پنهنجي پنهنجي ڪتاب ۾ لکندا.
- شاگردن کي هدايت ڏيو ته هو پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنل جملن جي لکڻ جي مشق ڪن.

**سرگرمي 5: جائزو**

- ’پنهنجي جاءِ صاف ڪريو‘ بورڊ تي اهو جملو لکو ۽ شاگردن کي پڙهڻ لاءِ چئو.
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.

سبق تيرھون

## ڪاڏو ھٿ ڌوئي ڪاٿبو آھي

**مقصد:**

ھي سبق پڙھڻ ڪان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ ھو:

- جملو ’ڪاڏو ھٿ ڌوئي ڪاٿبو آھي‘ جي ذريعي لکڻ ۽ پڙھڻ سکي سگھندا.
- سکيل آوازن ۽ لفظن جي ترتيب بدلائي نوان لفظ ۽ جملا ٺاھي سگھندا.
- اکر لفظ ۽ جملا لکي سگھندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، جملي ۾ استعمال ٿيندڙ اکرن جا فليش ڪارڊ

**ذھني آمادگي:**

1. تصوير ڏيکاري ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪرڻ:

- شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري ھيٺين سوالن سان ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪريو.
- ڇا ڪم ڪرڻ لاءِ اھا جاءِ مناسب آھي؟
- اھڙي جڳھ تي ڪم ڪرڻ جو ڇا نقصان ٿيندو؟
- ذاتي صفائي ۾ اسان کي سيني ڪان پھرين ڇا جي صفائي جو خيال رکڻ گھرجي؟
- ڇا اسان کي صرف ڪاڏو ڪائڻ ڪان پھرين ھٿ ڌوئڻ گھرجن؟
- جيڪڏھن اسان ڪائڻ ڪان پوءِ ھٿ نہ ڌوئينداسين ۽ ڪم شروع ڪنداسين تہ اسان جي پروڊڪٽ تي ڪھڙو اثر پوندو؟

جملا ٺهرايو. هتي شاگردن کي اکرن جي نہ شڪلين جي جوڙ ٽوڙ جي ڪوشش ڪرايو ۽ بامعنیٰ لفظ ٺاهي انهن جي رهنمائي ڪيو.

- آوازن جي ترتيب بدلائڻ سان ٺهندڙ نوان لفظ ۽ جملا ڪتاب مان پڙهايو ۽ لکڻ جي مشق ڪرايو.

**نوان لفظ ۽ جملا:**

ڪارو، مکڻ، مک، ڪيس، ڪاٺ، ٽوم، ٿال، ٽورو، ٽيلهو، ڏاڳو،
ٿالهي، ڪوڙ ڪيں ٺُڪُ، ڪل، ڪيرو، ڪنڊ، پکو پکي، پڳ

**پئراگراف:**

نوري بازار مان ڏاڳا وٺي آئي. سيئي رنگ چٽا هئا. نوريءَ هاٿي ڏاڳن کي ٿال ۾ رکي ڪوليو آهي ۽ ڏاڳن جا ڍيرا ٺاهيا آهن.

**سرگرمي 5: جائزو**

- ’ک‘ ۽ ’ڏ‘ سان شروع ٿيندڙ ٻہ ٻہ لفظ ٺاهي لکي ڏيکاريو.
- شين تي داغ ڇو لڳي ويندا آهن؟
- صاف شين ٺاهڻ لاءِ ڪهڙين ڳالهين تي عمل ڪرڻ ضروري آهي؟
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.

## سبق چوڏھون

# گھر جو خرچ ڪيئن هلايان؟

### مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- جملي 'گھر جو خرچ ڪيئن هلايان' جي ذريعي پڙهڻ ۽ لکڻ سکي سگھندا.
- سکيل آوازن جي ترتيب مٽائي نوان لفظ ۽ جملا ٺاهي سگھندا.
- لفظ ۽ جملا لکي سگھندا.
- پيراگراف پڙهي ۽ لکي سگھندا.

### سکيا لاءِ مددگار شيون:

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، جملي ۾ ايندڙ آوازن جي اکرن جا فليش ڪارڊ، FHBW جو رڪارڊ فارميٽ

### ذهني آمادگي:

i. تصوير ڏسي ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪرڻ:

شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري هيٺ ڏنل سوالن ذريعي ڳالھ ٻولھ جي شروعات ڪريو.

- توهان جو روزانو جو خرچ ڪيترو آهي؟
- توهان ڪٿان آمدنيءَ ۽ خرچ جو حساب ڪيو آهي؟
- جيڪڏهن مهيني ۾ توهان جو خرچ آمدنيءَ کان وڌيڪ ٿي وڃي ته توهان ڇا ڪندا آهيو؟
- مهيني جو حساب ڪتاب لکي رکجي ته ڪهڙو فائدو ٿيندو؟

ii. تجرباتي سرگرمي: راند ڪيلڻ

- شاگردن کي گروپن ۾ ورهاريو. هڪ گروپ ۾ 5 ميمبر هجن. هر ميمبر کي هيٺيان ڪردار ڏيو.
  ماءُ، پيءُ، ڏاڏي، ڌيءَ ۽ پُٽ. انهن کي چئو ته سڀ ملي پنهنجي ماهوار آمدني جو اندازو لڳائين.
- شاگردن کي مختلف خرچن جا ڪارڊ ڏيو (تصوير) جيئن کاڌو، ڪپڙا، تعليم، بل، فون، صحت، شادي، مهمان نوازي ۽ ٻيا موقعا.
- شاگردن کي چئو ته مليل ڪارڊ مطابق مهيني جو خرچ لکو.
- جڏهن شاگرد لکي وٺن ته سڀ ڪارڊ جمع ڪريو. شاگرد کي جوڙ ڪرڻ لاءِ ڪيلڪيوليٽر ڏيو. ڪيلڪيوليٽر جو استعمال ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪريو.
- هاڻي پڇو ته ايترا پئسا توهان صحت لاءِ ڇو رکيا آهن؟
- شاگردن کان پڇو ته آمدني ۽ خرچ، برابر، گهٽ يا وڌ آهي؟ جيڪڏهن وڌيڪ آهي ته ان کي گهٽ ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟ ٻنهي طريقن تي ڳالهايو خرچ گهٽ ڪري يا آمدني وڌائي.
- جيڪڏهن خرچ گهٽ آهي ته باقي پئسا ڪهڙيءَ طرح استعمال ڪري سگهجن ٿا؟
- شاگردن کي واضح ڪريو ته گهر جو بجيٽ ٺاهڻ جو اهو فائدو آهي ته اسان کي اندازو ٿيندو آهي ته آمدني ڪيتري آهي؟ اسان جون ضرورتون ڪهڙيون آهن، ڇا اسان کي پنهنجي آمدني وڌائڻ جي ضرورت آهي يا بچت لاءِ رٿابندي ڪري سگهون ٿا.

سرگرمي 2: ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق

شاگردن کي ٻڌايو ته اڄ اسان جملو "گهر جو خرچ ڪيئن هلايان؟" پڙهڻ سکنداسين. جملي ۾ استعمال ٿيندڙ آواز اسان پهرين سکي آيا آهيون. صرف 'چ' جو آواز ۽ شڪل نئين آهي.

سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ

- جڏهن شاگرد جملو 'گهر جو خرچ ڪيئن هلايان؟' جي سيني شڪلين جي لکڻ جي مشق ڪري وٺن تہ انهن مان ٺهندڙ نوان لفظ ۽ جملا فليش ڪارڊن جي مدد سان ٺاهرايو. هتي شاگردن جي رهنمائي ڪريو تہ بامعنيٰ لفظ ٺاهين.
- آوازن جي ترتيب بدلائڻ سان ٺهندڙ نوان لفظ ۽ جملا لکرايو ۽ پوءِ ڪتاب مان پڙهايو ۽ مشق ڪرايو.

نوان لفظ:

ڪچرو، چوٽي، چالاڪ، چونڪ، چاندي، چمچو، چنڊ، بچاءُ، اوچائي، چمڪ، چادر

پئراگراف:

چندا ۽ چاندي گهر کان چونڪ ڏي وڃي رهيون هيون. امان چيو تہ گهوڙي لاءِ چارو بہ خريد ڪجو. رستي ۾ انهن هڪ خچر ڏٺو جنهن کي ڏڪ لڳل هو.

شاگردن کي پڙهائڻ جي مشق ڪرايو.

سرگرمي 5: جائزو:

- گهر جي بجيٽ ٺاهڻ لاءِ ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟
- جيڪڏهن آمدني ۽ خرچ ۾ فرق هجي تہ ان کي ڪيئن برابر ڪري سگهجي ٿو؟
- 'چ' سان شروع ٿيندڙ ڪجھ لفظ لکو.
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل بجيٽ فارم مڪمل ڪرايو.

سبق پندرهون

## بجيٽ ۽ ضرورت تي غور ڪيو وڃي

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- جملو 'بجيٽ ۽ ضرورت تي غور ڪيو وڃي.' جي ذريعي پڙهڻ سکنداسين.
- سکيل آوازن ۽ لفظن جي ترتيب بدلائي نوان لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهندا.
- لفظ، جملا ۽ پئراگراف پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- گهر جي بجيٽ ٺاهڻ لاءِ سادن ريڪارڊ فارم کان واقف ٿي سگهندا.
- ريڪارڊ فارم جو استعمال سکي سگهندا.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

ڪتاب ۽ بورڊ، جملي ۾ استعمال ٿيندڙ اکرن جا فليش ڪارڊ

**ذهني آمادگي:**

i. تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:
ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري شاگردن کان هيٺ ڏنل سوالن سان ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪريو.

- شاگردن کان پڇو ته ڪالهه اسان ڇا سکيو؟
- ڇا توهان سمجهو ٿا ته بجيٽ ٺاهڻ جو ڪم فائديمند ٿيندو؟
- واضح ڪريو ته خرچ ۽ آمدنيءَ جو ريڪارڊ رکڻ سان توهان کي خبر پوندي ته ڪٿي وڌيڪ خرچ ٿئي ٿو ته جيئن توهان خرچ کي ضرورت مطابق ترتيب ڏئي سگهو.

1. سڀ ڪان پهرين ٻجيٽ جا سڀ سڪيل آواز پڇو ۽ لکرايو. ان ۾ ’ٽ‘ جي آواز لاءِ پڇو تہ هو ڪهڙيءَ شڪل سان ملي ٿو. ’ٽ‘ جو آواز ياد ڪرائي بورڊ تي لکرايو ۽ ٻڌايو تہ ان ۾ هڪ نقطو وڌيڪ لڳائڻ سان ’ٿ‘ جي شڪل ٿي ويندي.

ـٿ

هتي ’ٿ‘ جون باقي شڪليون بہ لکي ڏيکاريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٿـ | ـٿـ | ـٿ | ٿ |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

2. ان ڪان پوءِ ’ضرورت‘ ۾ ’ض‘ جو آواز ڪيرايو ۽ ’صفائي‘ لفظ مان ’ص‘ جي شڪل جو ورجاءُ ڪرائي بورڊ تي لکرايو ۽ ٻڌايو تہ ان جي مٿان هڪ نقطو لڳائڻ سان ’ض‘ جي شڪل ٿي ويندي.

ضـ

هتي ’ض‘ جون باقي شڪليون بہ لکي ڏيکاريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ضـ | ـضـ | ـض | ض |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

3. لفظ ’غور‘ ۾ ’غ‘ جي آواز لاءِ ’عورت‘ لفظ مان ’ع‘ جي شڪل ياد ڪرائي بورڊ تي لکرايو ۽ ٻڌايو تہ ان جي مٿان هڪ نقطو لڳائڻ سان ’غ‘ جي شڪل ٿي ويندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| غـ | ـغـ | ـغ | غ |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

4. آخر ۾ استاد 'وچي' لفظ ۾ 'ڇ' جو آواز ڪيرائي ۽ 'ڇ' جي شڪل ياد ڪرائي، شاگردن کان بورڊ تي لکرائي ۽ ٻڌائي ته ان ۾ هڪ نقطو وڌيڪ لڳائڻ سان 'ڇ' جي شڪل ٺهي ويندي.

ڇـ

هتي شاگردن کي 'ڇ' جي باقي شڪلين جو فرق به ٻڌائي

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڇـ | ـڇـ | ـڇ | ڇ |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

- لفظ مڪمل ڪرائڻ کان پوءِ استاد جملو بورڊ تي لکي ۽ پورو جملو شاگردن کي پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ چوي.

سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ

- جڏهن شاگرد جملو 'بجيٽ ۽ ضرورت تي غور ڪيو وڃي' جي سيني آوازن جي شڪلين جي لکڻ جي مشق ڪري وٺن ته انهن جي سامهون سيني اکرن جا فليش ڪارڊ رکو. ترتيب بدلائڻ مان ٺهندڙ نوان لفظ ۽ جملا ٺهرايو. هتي شاگردن جي رهنمائي ڪريو ته بامعنیٰ لفظ ٺاهين.
- آوازن جي ترتيب بدلائڻ سان ٺهندڙ نوان لفظ ۽ پيراگراف ڪتاب مان پڙهايو ۽ لکڻ جي مشق ڪرايو.

نوان لفظ:

ضرب، ٽوپي، ضعيف، ٽوڪري، ٽانڪو ٽاٽ، ٽماٽو ٽڪرو، غرور غني، داغ باغ، غم، ضبط، ضروري

**پئراگراف:**

عاليه کي ان جي ماءُ ٽڪ واري رلي ٺاهڻ لاءِ چيو. اهو آرڊر جلدي جمعي تائين پورو ڪرڻو هو. عاليه مغرب جي نماز پڙهي ٽي وي ڏسڻ ويهي رهي. هوءَ وقت جو ضايع ڪري رهي هئي.

شاگردن کي پيئراگراف پڙهڻ جي مشق ڪرايو.

**سرگرمي 5: جائزو**

- ڏنل لفظن ۾ 'غ' تي گول ڪيو.

غرور، غريب، مغرب

- ڏنل لفظن ۾ 'ض' تي گول ڪيو.

مضبوط، ضايع، ضرورت

- اهڙا پنج لفظ لکو جن ۾ 'ٿ' اچي.
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.
- زندگي جي اهم موقعن وارو فارم ڀرايو.

سبق سورهون

## حادثن ۽ طوفانن ۾ انتظام ۽ اسان جي ذميواري

### مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- جملي 'حادثن ۽ طوفانن ۾ انتظام ۽ اسان جي ذميواري' جي ذريعي لکڻ ۽ پڙهڻ سگهي سگهندا.
- آوازن جي سڃاڻپ ڪري سگهندا.
- هم آواز لفظن ۾ فرق ڪري سگهندا.
- اکر، لفظ، جملا ۽ پيراگراف لکي ۽ پڙهي سگهندا.

### سکيا لاءِ مددگار شيون:

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، جملي ۾ استعمال ٿيندڙ اکرن جا فليش ڪارڊ

### ذهني آمادگي:

i. تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:
ڪتاب ۾ ڏنل تصوير ڏيکاري شاگردن کان هيٺ ڏنل سوالن ذريعي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪريو.

- تصوير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟
- اڪثر حادثن جو سبب ڪهڙو هوندو آهي؟
- الله نه ڪري توهان سان ڪڏهن ڪو حادثو پيش آيو آهي؟
- مختلف شاگردن جي راءِ وٺو ته جيئن (بيماري، عالمي وبا، سيلاب، طوفان، باهه لڳڻ، ٻوڏ، نانگ جو ڏنگڻ وغيره) توهان ان وقت ڇا ڪيو هو؟
- ڇا توهان گهٻرائجي ويا هئا؟ ڇو؟

- ڇا توهان ان محل پاڻ تي ضابطو رکيو هو ۽ ان حادثي کان پاڻ ۽ پنهنجي خاندان کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي؟

شاگردن کي ٻڌايو ته ڪجهه آفتون قدرتي اوچتو اينديون آهن جيئن آسماني بجلي ڪِرڻ، زلزلي جبلن جو ٽٽڻ ۽ مينهن وغيره. پر ڪجهه حادثا يا آفتون اهڙيون هونديون آهن جن جو اندازو پهرين ئي ٿي ويندو آهي. اهڙين آفتن کان بچڻ لاءِ اڳواٽ تياري ڪري سگهجي ٿي ته جيئن اسان بدحواس نه ٿيون ۽ پاڻ تي قابو رکي سگهون. مثال طور: وڏيڪ برساتن ۾ سيلاب جو خطرو هوندو آهي. سيلاب کان بچڻ لاءِ محفوظ جڳهه تي وڃي سگهجي ٿو. اهڙي طرح عالمي وبا ڪرونا وائرس کان بچڻ لاءِ احتياط ۽ صفائي ضروري آهي.

- بار بار صابڻ سان هٿ ڌوئڻ
- ڪنگهڻ ۽ ڇنڪ ڏيڻ وقت پنهنجي منهن کي هڪ طرف موڙي ٺونٺ جي اندرين حصي يا رومال کي منهن اڳيان ڏيو.
- ماڻهن سان هٿ ملائڻ ۽ ڳلي ملڻ کان پرهيز ڪريون.
- وڌيڪ ماڻهن ۾ ماسڪ پائي ويهون.
- ماڻهن کان گهٽ ۾ گهٽ 3 فٽ جو فاصلو رکون.

انهن ڳالهين تي نه رڳو پاڻ عمل ڪريون پر ٻين کي به ان موذي مرض کان بچايون.

ii. ڪهاڻي ٻڌائڻ:

زهران ۽ ارم ٻئي ساهيڙيون آهن ۽ هڪ ئي پاڙي ۾ رهنديون آهن. ٻنهي جو تعلق غريب گهراڻن سان آهي، پر ٻنهي گهراڻن جي ماحول ۾ فرق آهي. زهران جو پيءُ پڙهائيءَ جي خلاف آهي جڏهن ته ارم جو پيءُ پنهنجي ڌيئرن کي پڙهائي لکائي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ چاهي ٿو.

ارم، زهران جي گهر ملڻ وئي سلام کان پوءِ پڇيائين ته:

ارم: زهران ڪيئن آهين؟

زهران: مان ٺيڪ آهيان.

### سرگرمي 2: ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق

اچو تہ ڏنل جملي ’حادثن ۽ طوفان ۾ انتظام ۽ اسان جي ذميواري‘ ۾ موجود آواز سکون.

شاگردن کان هڪ هڪ لفظ ڪري ان ۾ موجود آوازن پڇو تہ ٽوٽل ڪيترا آواز آهن؟

حادثن، طوفان، انتظام ۽ ذميواري لفظن جا الڳ الڳ ڪري هڪ هڪ ۾ پهرين آواز کان آخري آواز پڇو.

- آخر ۾ استاد جملو ’حادثن ۽ طوفانن ۾ انتظام ۽ اسان جي ذميواري‘ مان پهرين سبقن ۾ پڙهايل آواز پڇي.
- استاد سيني لفظن جي آوازن جي مشق ڪرائي.

### سرگرمي 3: پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق

جڏهن سيئي شاگرد آوازن جي مشق ڪري وٺن تہ انهن کي ٻڌايو تہ اڄ اسان حادثن، طوفانن، انتظام ۽ ذميواري لفظ لکڻ سکنداسين.

ان کان پوءِ ’طوفانن‘ لفظ ۾ سکيل آوازن بابت پڇو ۽ لکرايو. ’ط‘ جي آواز سيکارڻ لاءِ استاد بورڊ تي ’ص‘ لکرائي ان جي مثال اُبي ليڪ ڏي. هتي هم آواز ’ت‘ بابت بہ ٻڌايو.

ط

هتي شاگردن کي ’ط‘ جون باقي شڪليون بہ لکي ڏيکاري.

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
| --- | --- | --- | --- |
| ط | ط | ط | ط |

ڏنل جملي ۾ سيئي آواز شاگرد اڳئي سکي آيا آهن. ورجاءُ ڪرائي انهن کان بورڊ تي لکرايو ۽ آخر ۾ لفظ ’طوفانن‘ لکي ڏيکاريو.

- سڀ کان پهرين لفظ ’حادثن‘ ۾ پهرين سکيل آواز پڇو. ان کانپوءِ پهرين آواز ڪيرايو (ح) ’خريداري‘ ۾ ’خ‘ جي آواز ياد ڪرائي بورڊ تي لکرايو ۽ ٻڌايو ته نقطو ڊاهي (ح) جي شڪل ٿي ويندي.

حـ

هتي (ح) جي باقي شڪلين جو فرق به واضح ڪريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| حـ | ـحـ | ـح | ح |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

- ان کانپوءِ اڳئين آواز (ا) پڇي ۽ شاگردن کان بورڊ تي لکرائي.
- ان کانپوءِ اڳئين آواز (د) ڪيرائي ۽ لفظ ’خريدار‘ ۾ ’د‘ جي آواز جو ورجاءُ ڪرائي شاگردن کان بورڊ تي لکرائي.
- پوءِ اڳئين آواز ’ث‘ ڪيرايو.

عورت لفظ ۾ ’ت‘ جي شڪل ياد ڪرائي بورڊ تي لکرائي ۽ ان تي هڪ ٻيو نقطو لڳائي ٻڌائي ته ’ث‘ جي شڪل آهي.

حادثـ

هتي ’ث‘ جي باقي شڪلن جو فرق ٻڌائي ۽ لکي ڏيکاري

| | | | |
|---|---|---|---|
| ثـ | ـثـ | ـث | ث |
| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |

آخر ۾ ’ن‘ جي آواز ڪيرائي ۽ ’ايمان‘ مان ’ن‘ جي آواز جو ورجاءُ ڪرائي بورڊ تي لکرايو.

آخري ۾ استاد لفظ ’حادثن‘ بورڊ تي ملائي لکي ڏيکاري ۽ مشق ڪرائي.

- ان ڪانپوءِ لفظ 'انتظار' ۾ اچڻ واريون آوازون ڪيرائي لکرايو ۽ نئي آواز 'ظ' بورڊ تي لکي ڏيکاري. شاگردن کي ٻڌائي تہ 'ط' ۽ 'ظ' ۾ نقطي جو فرق واضح ڪرايو.

ظ

هتي 'ظ' جي باقي شڪلين بابت بہ ٻڌايو

| شروع واري شڪل | وچين شڪل | آخري شڪل | مڪمل شڪل |
|---|---|---|---|
| ظ | ظ | ظ | ظ |

- اهڙي طرح لفظ 'ذميواري' ۾ اچڻ وارا آواز ڪيرايو ۽ نئون آواز 'ذ' بورڊ تي لکي ڏيکاري. ان لاءِ شاگردن کان 'ڪاڏو' لفظ جو ورجاءُ ڪرائي 'ڏ' بورڊ تي لکرايو ۽ ٻڌايو تہ هڪ نقطو ڊاهڻ سان 'ذ' جي شڪل ٿي ويندي.

ذ

هتي شاگردن کي 'ذ' جون باقي شڪليون بہ لکي ڏيکاريو.

| شروع واري شڪل | وچين آخري شڪل |
|---|---|
| ذ | ـذ |

- هتي شاگردن کان ان سان ملندڙ جلندڙ سڀئي شڪليون لکرايو.
- آخر ۾ شاگردن کي لفظ 'ذميواري' ملائي لکرايو ۽ مشق ڪرايو.

### سرگرمي 4: نوان لفظ ٺاهڻ

جڏهن شاگرد لکڻ جي مشق ڪري وٺن تہ انهن جي سامهون فليش ڪارڊ رکو. ترتيب بدلائڻ سان ٺهندڙ نوان لفظ ۽ جملا ٺهرايو. هتي شاگردن کي شڪلين جي جوڙتوڙ جي مدد سان پڙهائڻ جي ڪوشش ڪرايو ۽ بامعنيٰ لفظ ٺاهڻ ۾ انهن جي رهنمائي ڪيو.

- آوازن جي ترتيب بدلائڻ سان ٺهندڙ نوان لفظ ڪتاب مان پڙهايو. پئراگراف پڙهايو ۽ لکڻ جي مشق ڪرايو.

ماحول، حوصلو احساس، محسوس، حڪيم، حلوو، صحافي، ثواب، حڪومت، ثابت، وارث، وراثت، مضبوط، احتياط، حفاظت، ضابطو، مثال، ثمر

پئراگراف:

حفيظان ڪرونا وبا جي ڪري پريشان هئي. هن کي احساس هو ته ماڻهو ماحول کي صاف نٿا رکن ۽ احتياط به نٿا ڪن چاچا حميد هن کي حوصلو ڏيندي چيو ته سڀ ادارا پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيا آهن. اسان کي به حڪومت جي ٻڌايل هدايتن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

سرگرمي 5: جائزو

- ڪرونا کان بچڻ لاءِ ڪي به ٽي ضروري احتياط ٻڌايو.
- 'س' جو هم آواز اکر ٻڌايو.
- 'ط' جو هم آواز اکر ٻڌايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.

سبق سترهون

# ٻچيل آوازَ

## مقصد:

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- الف - ب جي پٽيءَ جا ٻچيل آواز سڃاڻي سگهندا.
- مليل آواز لفظ ۽ جملا پڙهي ۽ لکي سگهندا.
- سکيل آوازن جي ترتيب مٽائي نوان لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهندا.
- سکيل آوازن جي مدد سان نوان لفظ ۽ جملا لکي سگهندا.

## سکيا لاءِ مددگار شيون:

شاگردن جو ڪتاب، بورڊ، ٻچيل آوازن جو چارٽ

## ذهني آمادگي:

تصوير ڏيکاري ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪرڻ:

- تصوير ۾ عورتون ڇا ڪري رهيون آهن؟
- ڇا اهڙي قسم جو ماحول توهان لاءِ محفوظ آهي؟
- رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي ماحول کي محفوظ بڻائڻ لاءِ هن تصوير مان ڪهڙين شين کي هٽائڻ گهرجي؟
- ماحول کي وڌيڪ محفوظ بڻائڻ لاءِ هن تصوير ۾ ڪهڙين شين جو اضافو ڪرڻ گهرجي؟

**ڪهاڻي:**

بشريٰ گهر ۾ سلائي ۽ پرت سيڪارڻ جو سينٽر کوليو آهي. پاڙي جون ڇوڪريون ان وٽ ڪم سکڻ اينديون آهن. هو پرت جو ڇاپو به ڪري ڏيندي آهي. ان لاءِ هن وٽ سنا ٿپا به ٺهيل آهن. سينٽر جي ڪم کان گهر متاثر نه ٿئي ان لاءِ هوءَ ڇوڪرين کي اڱڻ ۾ ويهاري ڪم ڪرائيندي آهي. اڱڻ جي ڪُنڊ ۾ چُلهه آهي. هڪ ڏينهن ڪاٺين ۾ اوچتو باهه لڳي ته پرسان ويٺل ڇوڪري ثنا جي هٿ تي ٽانڊو اچي ڪريو ۽ هن جو هٿ زخمي ٿي پيو.

**سوال:**

- بشريٰ ڪهڙو ڪم ڪندي آهي؟
- ڇا ڪم، ڪنهن به جڳهه تي ڪري سگهجي ٿو؟
- بشريٰ ڪهڙي غلطي ڪئي؟
- ثنا جو هٿ سڙڻ تي بشريٰ کي ترت ڇا ڪرڻ گهرجي ها؟
- توهان اتي هجو ها ته ڇا ڪريو ها؟
- زخمي،جي تُرت مدد لاءِ اسان جي گهر يا ڪم واري جڳهه تي ڪهڙيون شيون هجڻ گهرجن.

شاگردن کي ٻڌايو ته سٺي ۽ معياري ڪم لاءِ ضروري آهي ته ڪم جي جڳهه محفوظ ۽ سڪون واري هجي، ان لاءِ ڪو ڪمرو هجي، جيڪڏهن الله نه ڪري ڪو حادثو پيش اچي ته اسان زخمي کي ابتدائي طبي مدد ڏئي سگهون. ان لاءِ ضروري آهي ته اسان دُرست ۽ ترت رد عمل جو مظاهرو ڪريون ۽ زخم، ڏڪ يا حادثي جي صورت ۾ وڏي نقصان کان بچي سگهون.

**سرگرمي 2:** پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق

- استاد ٻڇيل آوازن مان ٺهيل لفظن جي مشق ڪرائي.
- آخر ۾ استاد الف - ب جي آوازن جو ورجاءُ ڪرائي.

| ق | ـق | ـقـ | قـ |
| --- | --- | --- | --- |
| مڪمل شڪل | آخري شڪل | وچين شڪل | شروع واري شڪل |

آواز واضح ڪرائي لکڻ جي مشق ڪرايو.

### سرگرمي 4: نوان لفظ

- جڏهن شاگرد لفظن جي سيني شڪلين جي مشق ڪري وٺن ته انهن کي فليش ڪارڊ ڏيو ته انهن مان سيکاريل آوازن وارا لفظ ڳولهي ڏيکارين.
  ڪجهه لفظ ڪتاب ۾ ڏنل آهن.
  ٽپو - اُٺ - منو - لٽو - چاپو - چبي - چپر - چلو - سگ - مگ - مگو - اگهه
  قالين - قيمو - ڪينچي - قيمت - مُڇ - ڇڄ - رُڄ - اُڄ
- شاگردن کان جملا ٺهرايو

### سرگرمي 5: جائزو

- ڪتاب ۾ ڏنل ورڪ شيٽ مڪمل ڪرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل لکڻ واري ورڪ شيٽ ڪرايو.
- سلائي ۽ پرت جو ڪم ڪرڻ واري جڳهه تي طبي امداد لاءِ ڪهڙيون شيون ضروري آهن؟
- ڪتاب ۾ ڏنل دعا پڙهايو.

سبق ارڙهون

## فارم جو استعمال

**مقصد:**

هي سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا ته هو:

- مختلف فارمَ پڙهي سگهندا.
- مختلف فارم ڀري سگهندا.
- اهو سمجهي سگهندا ته فارم ۾ عبارت ۽ عدد ڪٿي لکبا آهن.

**سکيا لاءِ مددگار شيون:**

ڪئلينڊر، فارمَ، بورڊ، مارڪر.

**سرگرميون:**

i. ڳالهه ٻولهه:

شاگردن کي ٻڌايو ته اڄ اسان سنڌي ڪورس مڪمل ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجي لاءِ تاڙيون وڄايو. شاگردن جي اهڙيا ڪوشش نه صرف روزمره زندگي ۾ آسانيون پيدا ڪندي پر ان جي ڪم جي معيار ۽ ڪارڪردگيءَ کي به وڌائيندي.
شاگردن کي ٻڌايو ته پڙهڻ لکڻ جي مشق کي جاري رکڻو آهي ته جيئن توهان جي صلاحيتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ۽ ان جو عملي استعمال ڪري توهان پنهنجي ڪم ۾ بهتري آڻي سگهو ٿا.

ii. ورجاءُ:

- شاگردن کان پڇو ته اسان ڪورس ۾ ڪهڙين شين بابت سکيو آهي؟
- شاگردن کي گروپن ۾ ويهاري پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ مناسب وقت ڏيو.

- جڏهن شاگرد ڳالهه ٻولهه مڪمل ڪن ته واري واري سان انهن کان مختلف اهم نُڪتا پڇي بورڊ تي Flowchart ٺاهي لکو ته جيئن شاگرد هڪ نظر ۾ ڏسي سگهن.

| زندگيءَ جون مهارتون | پڙهڻ لکڻ |
|---|---|
| بچت جا فائدا | الف - ب |
| آمدني جو حساب | آواز |
| ٽيم ورڪ | اکر |
| ڪم ڪرڻ جا اصول | جملا |
| وقت جو انتظام | ڪهاڻي |
| بيمارين کان بچاءُ | ڪيس اسٽڊي |
| ترت علاج | رول پلي |

شاگردن کي ساراهيو ته هنن گهٽ وقت ۾ گهڻو ڪجهه سکيو آهي.

iii. عملي ڪم:

شاگردن کان هيٺيان سوال پڇو.

- توهان پنهنجي سکيا کي ڪهڙي طرح استعمال ڪندا؟
- جڏهن توهان کي لکڻ پڙهڻ نه ايندو هو ته ڪهڙي ڏکيائيون پيش ايندڙيون هيون؟
- پڙهڻ لکڻ توهان کي ڪهڙي ڪهڙي ڪم ايندو؟
- شاگردن کي ٻڌايو ته ان سکيا کي توهان پنهنجي روزانو زندگي سان گڏو گڏ پنهنجي هنر واري ڪم ۾ به استعمال ڪندا ۽ ان جي عملي مشق اسان اڄ ڪنداسين.

**عملي مشق نمبر1:**

شاگردن جا جوڙا ناهيو. هر شاگرد کي ڪلينڊر ۾ آرڊر فارم ڏيو ۾ چئو ته هڪ خريدار ۾ پيو ورڪر ٿئي. پوءِ پنهنجي ڪمن موجب آرڊر فارم ڀرين.

- آرڊر ڊيٽ جي مقرر تاريخ لاءِ ڪئلينڊر جو استعمال ڪن.
- شاگردن جي رهنمائي ڪريو ته ڪٿي عبارت ۾ ڪٿي عدد يعني تاريخ يا پئسا وغيره لکڻا آهن.
- هاڻي پيو ميمبر ڪسٽمر ۽ پهريون ورڪر ٿي فارم ڀرين ته جيئن ٻنهي جي مشق ٿئي.

**سرگرمي 4: جائزو**

استاد سڀني فارمز جو جائزو وٺي ۽ جتي ضرورت هجي اُتي رهنمائي ڪري.

# قومي ترانو

پاڪ سَر زمين شادبَاد
ڪِشورِ حسين شادبَاد
تُونشانِ عزمِ عالِي شان
اَرضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد بَاد

پاڪ سَرزمين ڪا نِظام
قُوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سَلطنت
پائنِده تابِنده باد
شاد بَاد منزلِ مراد

پَرچمِ ستاره و هلال
رَهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال
جانِ اِستقبال
سَايہ خُدائي ذُوالجلال